www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڏهن بهار ايندو

(ڪهاڻيون)

سويو گيانچنداڻي

سچائي اشاعت گهر دڙو.
انڊس پبليڪيشنس ٽنڊو محمد خان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حق ۽ واسطا قائم
شهزاديوسف.
آڪٽومبر 1993ع
سنڌ ٽيڪ ڪمپيوٽر سينٽر مان ڪمپوز ڪرايو.
دانش سومرو.
اڪبر آرٽ پريس ڪراچي
مان ڇپرائي پڌرو ڪيو.
ڪمپوزڊ باءِ: راٽو ميگهواڙ
ڇاپو: پهريون
قيمت - 30 روپيا.
پڪو جلد: -/50 روپيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻه اکر:

سچائي اشاعت گهر دڙو ۽ انڊس پبليڪيشن ٽنڊو محمد خان پاران گڏيل ڪتاب سائين سوڀي گيانچنداڻيءَ جي ڪهاڻين جو مجموعو حاضر آهي. اسان جو مقصد فقط هي آهي ته گڏجي سڏجي سنڌي ادب کي سٺا ۽ معياري ڪتاب ڏجن.

يوسف سنڌي

دانش سومرو

سنَاءُ

هماليه کان اوچو ماٿو.	اياز قادري.	5
خودڪشي		19
ياچوڪڙ		24
ڪجھ چوڪر هيئنئن به پيار ڪن ٿا		42
آڪيري جو ٽنڻ		51
رحيما		55
پرديسي پريتم		60
بچاءُ بند		64
ڪڏهن بهار ايندو		74
انقلابي جو موت		82

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

همالیہ کان اوچو انسان

متھاڳ

هڪ رشي هماليہ جبل جي قدمن ۾ هڪ گهاٽي وڻ جي هيٺان ورهين کان تپسيا ۾ مگن هو. هڪ ڏهاڙي هن جي شش هماليہ جبل ڏانهن نهاريو ۽ هن جون اکيون وڏنديون وڏنديون هماليہ جبل جي چوٽيءَ تائين وڃي پهتيون. هن هماليہ جبل جي چوٽي ڏانهن نهايت تيرس سان ڏٺو ۽ گروءَ جي چرڻن ۾ ويهي هن کان پڇيائين: مهاتما! هماليہ جبل جي چوٽيءَ کان بہ ڪو اوچو آهي؟

گروءَ وراڻيس: ”ها! اهو انسان آهي.“

اسان سنڌ ۾ جي ڪنهن اهڙي اوچي انسان جي تلاش ڪنداسين تہ اسان جون اکيون ڪامريڊ سوڀي گيانچندانيءَ ڏانهن کڄي وينديون.

ڪامريڊ سوڀي جي شخصيت هزار رنگن واري هيري مثل آهي. هو صاف ستھرو سياستدان، سماجي ڪارڪن، وڏو عالم، مذهبن جي تفرقي کان مٿي عظيم شخص آهي. ڪھڙو بہ ماڻھو سائس ملندو تہ هن جي صحبت مان سرهائي حاصل ڪري ورندو. ڄڻ تہ هو شاهہ لطيف جو اهو ڪردار آهي جنهن لاءِ شاهہ چيو آهي تہ تون انهيءَ وٽ وڃي ويهہ، جنهن وٽ ويهڻ سان ڏکندو ڏور ٿئي.

ڪامريڊ سوڀو ذهني طرح هڪ پڪو سوشلسٽ آهي ۽ هن پنهنجي ساري زندگي اميريءَ، وڏيرا شاهيءَ ۽ سرمائيداريءَ خلاف جنگ جاري رکي آهي ۽ ڪڏهن بہ پنهنجي ان اصول تان پٺتي نہ هٽيو آهي. پنهنجي انهيءَ مقصد لاءِ وڙهندي ڪيترا ڀيرا قيد ۽ بند جون مصيبتون بہ برداشت ڪري چڪو آهي. پر سندس عزم ۽ همت کي ڪڏهن بہ لوڏو نہ آيو آهي. ”جيئڻ تڏ تيئن وڏ“ واري چوٽيءَ مثل جيئن پوءِ تيئن هن جو حوصلو پختو ٿيندو رهيو آهي.

ڪامريڊ کي پنهنجي سنڌ سان بي انتها محبت رهي آهي. 1947ع کان پوءِ جڏهن سنڌ جا هندو، ملڪ جي ورهاڱي وارين ابتر حالتن کان متاثر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿي وطن جا وڻ ڇڏي، پنهنجي ماتر ڀومي ءَ کي الوداع چئي ڀارت هليا ويا، تڏهن ڪامريڊ پنهنجي ديس کي ڇڏڻ قبول نہ ڪيو. هن جي خواهش رهي تہ جنهن ڌرتيءَ تي هن جنم ورتو آهي، جنهن مٽيءَ مان هن جو جسم جڙيو آهي، ان ۾ ئي هن جا پساهہ پورا ٿين ۽ ان ئي مٽيءَ سان هن جي خاڪ ملي. ڪيترن وقتن تي، وقت جي حڪومتي طرفان هن تي زوربار پيو آهي تہ هو سنڌ ڇڏي ڀارت هليو وڃي. پر هو پنهنجي ان ارادي سان اڏول رهيو آهي تہ هو پنهنجي وطن کي نہ ڇڏيندو. ان ڪري ڪيتريون سختيون پڻ سٺيون اٿائين.

ڪامريڊ سوڀي جي شخصيت کي سنوارڻ ۽ سينگارڻ ۾ گروديوَ ٽيگور جي يونيورسٽي شانتي نيڪيتن جو وڏو هٿ آهي، جتي هو قابل، ماهر ۽ عظيم استاد جي سکيا ۽ صحبت هيٺ رچي ريٽو ٿيو. ڪامريڊ کي گروديوَ ٽيگور جو قرب حاصل هو. هوَ جڏهن گروَ ديوَ سان ملندو هو تہ هو کيس مرڪي چوندو هو، "Man of Mohan Jo Daro" اهو انهيءَ ڪري جو گرو ديوَ کي موهن جي دڙي لاءِ وڏي عقيدت هئي ۽ ڪامريڊ سوڀي جو ڳوٺ "ٻنڊي" موهن جي دڙي جي ڀرسان آهي.

شانتي نڪيتن واري ڏينهن ۾، هن جي ملاقات هڪ وڏي سوشلسٽ ۽ ڪميونسٽ پنالال داس گپتا سان ٿي، جنهن هن جي اندر ۾ نہ صرف ان وقت جي انگريز حڪمرانن خلاف نفرت ۽ ڌڪار جي باهہ کي وڌيڪ ڀڙڪايو، پر منجهس ملڪ ۾ پکڙيل بک، بيماريءَ ۽ اميري غريبيءَ جي فرق کي مٽائڻ لاءِ جدوجهد جو جذبو بہ پيدا ڪيو. ۽ هو پنالال داس گپتا جي ٻڌايل گس تي پختي ارادي سان سچو وقت هلندو رهيو.

ڪامريڊ سوڀو سنڌ جي انهن چوند ماڻهن مان آهي، جن جو مطالعو نهايت وسيع آهي. هو ننڍپڻ کان وٺي هن وقت تائين پڙهندو ۽ پڙهندو رهيو آهي. هن نہ رڳو سياسي ڪتاب پڙهيا آهن پر هن دنيا جي تاريخ، مذهبن، علم ادب، شعر و شاعري، نفسيات، منطق، فلسفي، سائنس ۽ ٻين علمن جو گهرو مطالعو ڪيو آهي. انهيءَ ڳالهہ جي خبر تڏهن پوي ٿي، جڏهن ويهي هن سان ڪچهري ۽ گفتگو ڪجي ٿي. جنهن بہ مسئلي تي هن سان ڳالهائجي ٿو تہ ائين لڳي ٿو جڻ هو هڪ اهڙو بي انت سمنڊ آهي، جنهن جي علم جون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوليون واڪا ڪنديون ۽ وڏنديون رهن ٿيون.

ڪامريڊ سوڀي جي گفتگو نهايت وڻندڙ ۽ دل تي اثر ڪندڙ هوندي آهي. هو جڏهن به ڳالهائيندو آهي، ڇڻ موتي پوئيندو آهي. هن جو هر هڪ لفظ پُر معنيٰ ۽ پر اثر هوندو آهي، جنهن ۾ گهرائي ۽ اونهائي هوندي آهي. هن جي گفتگو دليلن ۽ مثالن سان هوندي آهي. جيڪي تاريخ، مذهب، سياست، علم ادب، فلسفي ۽ شعرو شاعريءَ مان ڏنا ويندا آهن. هن عمر ۾ جڏهن هو ستر ورهين جي حد پار ڪري ٽيهتر ورهين ۾ پهتو آهي، تڏهن به هن جي ياد داشت ڏاڍي تيز ۽ تازي آهي. هو تمام پراڻيون ڳالهيون ۽ واقعا يا پڙهيل ڪتابن جا حوالا ائين ٻڌائيندو، ڄڻ اهي ويجهوئي هن جي نظرن اڳيان گذريا آهن.

ڪامريڊ سوڀي جي طبيعت ۾ انتها درجي جي ماٺار آهي، ڄڻ ته ڪاوڙ ۽ ڪروڌ هن جي خمير ۾ ڳوهيل ئي ناهي. هن سان ڪيڏو به بحث ڪبو، هن جي ڪيڏي به مخالفت ڪبي، هن کي ڪيڏو به پسرائڻ جي ڪوشش ڪبي، ته هو مرڪي ساڳئي ئي سانتيڪي انداز ۾ جواب ڏيندو ۽ دليلن سان اڳلي ماڻهوءَ کي پنهنجي ڳالهه تي قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو.

ڪامريڊ سوڀي جو هڪ پهلو، جيڪو عام طرح ماڻهن کان لڪيل آهي، اهو آهي سندس دريا دلي. هو هٿ جو ڪشادو، دل جو ڪشادو، دستر خوان جو ڪشادو سخي مڙد آهي. جيڪڏهن ڪو به سوالي هن جي اڳيان هٿ ڊگهيريندو ته هن جو هٿ يڪدم پنهنجي کيسي ڏانهن وڌندو ۽ سائل کي ايترو ڪجهه ڏيندو. جو هو راضي ٿي، هن کي دعائون ڏيندو هليو ويندو. هن اهڙيءَ طرح خبر ناهي دعائن جو ڪيڏو خزانو ڪٺو ڪيو آهي.

محمد علي پٺاڻ، جيڪو ڪامريڊ سوڀي سان ڪافي ويجهو رهيو آهي؛ اهو ڳالهه ٿو ڪري ته هڪ ڀيري مان ۽ ڪامريڊ رستي تي وڃي رهيا هئاسون ته هڪ ٻار، جيڪو پيٽ بکيو، ڏکيو ۽ بيمار ٿي لڳو، جنهن جي تن تي ڪپڙا ميرا ۽ پراڻا هئا. تنهن ڪامريڊ ڏانهن بيک لاءِ هٿ وڌايو. ڪامريڊ هن کي ڏسي اداس ٿي ويو ۽ ڏهن روپين جو نوٽ ڪڍي هن جي ترءِ تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رڪيائين. جڏهن ٿورو اڳتي وڌياسين ته هن سنڌ ۾ پکڙيل غربت ۽ ان جو شڪار ٿيل ٻارن جو ذڪر ڪيو ۽ چيائين ته: ”اهو ٻار منهنجو پٽ ۽ پوٽو به ٿي سگهيو ٿي...“

ڪامريڊ ڏيڻ وقت اهو نه سوچيندو آهي ته هو جيڪا امداد ڪري رهيو آهي، ان جو وٺندڙ مستحق به آهي يا نه. ۽ اها جائز نموني ۾ خرچ ٿيندي يا نه. ڪيترا ڀيرا ائين به ٿيو آهي ته ڪي نوڪي نوجوان ڪانئس جلسن، ميٽنگن ۽ ميڙن جي نالي ۾ چندو گهرندا آهن ۽ هو ڄاڻندي به، ته اهي ٺوڳي آهن، هنن کي چندو ڏئي ڇڏيندو آهي.

ڪامريڊ سوڀو، سنڌ جي سياست جي اڪين ڏٺي تاريخ آهي، جنهن جو هو پاڻ هڪ اهم ڪردار رهيو آهي، اهو اڏول ڪردار جنهن کي پنهنجي راهه تان نه زر نه زبردستي هٽائي سگهي. هو ڪميونسٽ پارٽيءَ سان شاگرديءَ واري دؤر کان وٺي وابسته رهيو ۽ هن وقت تائين ان سان توڙ نڀائيندو رهيو آهي. هن جون ڏيڍ ڏي جي سنڌ ڪاليج واري زماني ۾ شاگردن ۾ سياسي سجاڳي آڻڻ ۽ مختلف وقتن تي قيد ڪاٽڻ جون ڳالهيون واڪاڻ جوڳيون آهن. هن نه ڪڏهن معافي نامو لکي ڏنو، نه انگريز سرڪار توڙي ڪنهن ٻي سرڪار اڳيان گوڏو کوڙيو.

ڪامريڊ سوڀي پنهنجي ٻاهترهين جنم ڏينهن واري تقريب ۾ ٻڌايو هو ته هو جيل ۾ گلن جا ٻوٽا لڳائيندو هو. جيئن قيدين جي اکين کي گلن جي سونهن ۽ سندن دماغن کي گلن جي سرهاڻ پهچندي رهي.

ڪامريڊ سوڀو قيد ۽ بند دؤران گهڻو وقت ڪتابن جي مطالعي ۽ قيدين ۾ سياسي سجاڳيءَ جو پرچار ڪندو رهندو هو. ۽ جيڪڏهن سندس قيد جا ساٿي پڙهيل هوندا هئا ته هو ڪين ڪتاب ڏئي انهن جو مطالعي سان چاهه وڌائيندو رهندو هو، جنهن جو اعتراف ڪيترن ئي ناميارن ماڻهن پڻ ڪيو آهي.

ڪامريڊ سوڀي وٽ هڪ وڏي لائبريري آهي، جنهن ۾ ڪتابن جو تعداد ويهن هزارن کان به مٿي آهي. ان ۾ هر موضوع تي ڪتاب ڏسڻ ۾ ايندا. جتي اڄ جي دؤر جا ماڻهو دنيا ڪني ڪرڻ جي پٺيان آهن، اتي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪامريڊ سوڀي ڪتاب ڪَٺا ڪيا آهن. ڪامريڊ سوڀو پڙهڻ لاءِ ڪتابن ڏيڻ ۾ بہ دريا دل آهي. جڏهن بہ ڪو اديب يا نوجوان هن وٽ ڪنهن بہ ڪتاب لاءِ ايندو آهي تہ هو ڪلي ڪبٽ مان ڪتاب ڪڍي ڪيس ڏيندو آهي. اهو نہ ڏسندو آهي تہ ڪتاب وري واپس ورندو بہ يا نہ.

مون "سنڌي غزل جو اوسر" تي پي. ايچ. ڊيءَ جو مقالو پئي لکيو. ان جو هڪ باب "پارت ۾ سنڌي غزل" هو. مون کي پارت جي غزل گو شاعرن جا ڪجهہ ڪتاب گهربل هئا. جيڪي ڪامريڊ وٽان مليا. ۽ جيڪي هن نهايت خوشيءَ سان مون کي ڏنا. جنهن ڪري مان اهو باب وڌيڪ بهتر نموني ۾ لکي سگهيس.

ڪامريڊ سوڀي گيانچندانيءَ جو خاندان بنيادي زميندار خاندا آهي. اڄ بہ سندس پاءُ ڪيولرام پنهنجي تَرَ جو عزت وارو زميندار آهي. سندس ڪهاڻين ۾ سندس خاندان جي زمينداريءَ جو بہ ٿورو گهڻو ذڪر ملي ٿو. ڪامريڊ 1956ع کان پوءِ جڏهن لاڙڪاڻي ۾ رهائش اختيار ڪئي تہ هن نہ صرف پنهنجي زمين جي سداري ڏانهن ڌيان ڏنو پر مختلف ميون جا فارم بہ لڳايا ۽ مختلف هنڌن تان چڪيون گهرائي لڳايون. جنهن ڪري اهي فارم پنهنجي تَرَ جا مثالي فارم ٿي پيا. جن کي ڏسي تَرَ جي ٻين زميندار ۾ بہ ميون جي فارم لڳائڻ جو چاهہ پيدا ٿيو. هن جو انبن جو فارم، پنهنجي تَرَ جو منفرد فارم آهي، جنهن ۾ سال جا ٻارهن مهينا ئي انب ملي سگهندا آهن.

ڪامريڊ سوڀو ڪهڙي قسم جو زميندار آهي، ان جو احوال اسان کي هن واقعي مان ملي ٿو. هڪ ڀيري سندس وڏي ڀاءُ ڪيولرام کيس ڪنهن ٻنيءَ تڪر جي ٻٽئي ڪرڻ لاءِ موڪليو. هو جڏهن اتي ويو تہ هارين جو ڏتڙيل حال ڏسي هن کي جهڄو اچي ويو ۽ سمورو اَنُ، پنهنجي زمينداريءَ واري حصي سميت هارين کي ڏئي آيو. جنهن کان پوءِ هن کي ڪڏهن بہ ٻٽئيءَ لاءِ نہ موڪليو ويو.

سال 1959ع جي جون مهيني کان وٺي مارچ 1964ع تائين، جڏهن وقت جي سرڪار ڪامريڊ سوڀي گيانچندانيءَ کي پنهنجي ڳوٺ ۾ نظر بند ڪيو هو، تڏهن سندس عزيزن هن کي مشغول رکڻ لاءِ، اتي پيهڻ جي مشين

تي ڪاروبار سنڀالڻ لاءِ ويهاريو هو. ڪامريڊ ڪاروبار ۾ نموني سنڀاليندو هو تہ جيڪڏهن ڪو غريب، جنهن جي هَڙَ ۾ آن ڇَڙائڻ ۽ ڇينهائڻ جا ڏوڪڙ نہ هوندا هئا تہ اهو مفت ۾ ان ڇينهايون، ڳنڍ مٿي تي رکيون هليو ويندو هو.

اڄ ڪلهہ ڪامريڊ وڪالت جي پيشي سان وابستہ آهي. ۽ سنڌ سندس درجو سنڌ جي برک وڪيلن ۾ مٿاهون آهي. هن پيشي ۾ بہ سندس انساني همدرديءَ ۽ غريب پروريءَ جا ڪيترا مثال ملن ٿا.

ڪيترن مسڪين، مفلس ۽ بي پهچ ۽ مجبور ماڻهن جا ڪيس، سواءِ ڪنهن في وٺڻ جي لڙندو رهيو آهي ۽ هيٺينءَ ڪورٽ کان وٺي، ويندي هاءِ ڪورٽ تائين ڪاغذن، ٽائيپ، اچڻ وڃڻ ۽ ڪورٽ جي فِيَن تائين پئسو بہ پنهنجي گهران خرچ ڪندو رهيو آهي، تيستائين هن کي آرام نہ ايندو آهي، جيستائين انهن بي پهچ ماڻهن جو ڪيس ڪاميابيءَ سان هلائي پورو نہ ڪري. جيئن تہ ڪامريڊ پاڻ ڪيترا دفعا جيل ۾ رهي چڪو آهي، جتي هن جي ملاقات ڪيترن مجبور ۽ ناحق قيد ۾ قاتل قيدين سان ٿي آهي، تنهن ڪري هن جي دل تي انهن قيدين جي مجبوريءَ ۽ بيوسيءَ جو وڏو اثر آهي. ان ڪري ئي هو بي پهچ ماڻهن جي ڪيسن ۾ پنهنجو درد محسوس ڪندو آهي ۽ انهن جي ڪيسن کي پنهنجو ڪيس سمجهي پيروي ڪندو آهي.

ڪامريڊ سوڀي جو لاڳاپو ترقي پسند ادبي جماعتن ۽ تحريڪن ۾ شروع کان وٺي رهيو آهي. هو ڊي. جي. سنڌ ڪاليج جي سنڌي ادبي سرڪل ۾ سرگرم ڪارڪن هو، جنهن جو صدر پروفيسر رام پنجواڻي ۽ سيڪريٽري شيخ عبدالرزاق راز هو. پاڪستان قائم ٿيڻ کان اڳ ترقي پسند ادبي انجمن، جنهن جا خاص رڪن گوبند مالهي، ڪيرت ٻاٻاڻي، گوبند پنجابي ۽ ٻيا هئا؛ تنهن ۾ پڻ هو دلچسپيءَ سان شامل رهيو هو. ان انجمن 1944ع ۾ ”ريگستاني ڦول“ نالي ترقي پسند سنڌي ڪهاڻين جو هڪ ڪتاب شايع ڪيو هو، جنهن ۾ ڪامريڊ سوڀي جون بہ ڪهاڻيون، ”آڪيري جو ٽٽڻ“ ۽ ”رحيما“ ڏسڻ ۾ اچن ٿيون، جن کي اڄ تائين سنڌي ادب جون سنبون ترقي پسند اوائلي ڪهاڻيون سمجهيو وڃي ٿو.

ڪامريڊ سوڀو انهن ڪهاڻيڪارن وانگر ڪهاڻيڪار نہ آهي جن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجو سمورو ڌيان ڪهاڻي لکڻ ڏانهن ڏئي ڇڏيو آهي. ڇاڪاڻ تہ هن جو دنيا جي ادب جو وسيع مطالعو ڪيل آهي ۽ هو پنهنجي سنڌ جي ڏتڙيل حالت ۽ مختلف مسئلن کان وقت بوقت متاثر ٿيندو رهيو آهي. تنهن ڪري جڏهن بہ ڪنهن خاص واقعي، معاملي يا مسئلي هن جي دل کي چوٽ رسائي آهي ۽ هن جي اندر ۾ آنڌ مانڌ پيدا ڪئي آهي تہ هن بيوس ٿي ان واقعي کي ڪهاڻيءَ جو روپ ڏئي ڇڏيو آهي. ڪامريڊ جي ڪهاڻين جو عرصو پنجاهہ سالن تائين پکڙيل آهي. هُن جون ڪهاڻيون "پاڇوڪڙ"، "خودڪشي" ۽ "ڪجهہ ڇوڪر هيئڻ بہ پيار ڪن ٿا"؛ شانتينڪيتن واري زماني ۾ اصل انگريزيءَ ۾ لکيل آهن، جيڪي وڏي عرصي کان پوءِ هاڻي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري شايع ڪيون ويون آهن.

1955ع ۾ ڪامريڊ سوڀي جو سنڌي ادبي سنگت سان گهرو ناتو رهيو آهي. مان جڏهن سنڌي ادبي سنگت جو سيڪريٽري هوس ۽ سنگت جا هفتيوار ادبي ميڙ منهنجي فليٽ 6- ڏنيرام بلڊنگ آرام باغ روڊ تي ٿيندا هئا، تڏهن ڪامريڊ سوڀو انهن ادبي ميڙن ۾ پابنديءَ سان شريڪ ٿيندو هو ۽ پيش ڪيل شعرن ۽ ڪهاڻين وغيره تي تنقيد ۽ بحث ۾ ڀرپور حصو وٺندو هو. جنهن ڪري سنگت ۾ شرڪت ڪندڙ اديب بيحد قدر جي نگاهہ سان ڏسندا هئا ۽ فائدو حاصل ڪندا هئا. انهن ميڙن کان متاثر ٿي ڪامريڊ "ڪڏهن بهار ايندو!" ڪهاڻي لکي هئي ۽ سنڌي ادبي سنگت ڪراچيءَ جي هڪ ميڙ ۾ تنقيد لاءِ پيش ڪئي هئائين، جنهن ۾ عورت جي مسئلن تي چڱو بحث ٿيو هو ۽ هن ڪهاڻيءَ کي پسند ڪيو ويو هو.

هن مجموعي ۾ شامل ٻيون ڪهاڻيون "پرديسي پريتم"، "ٻچاءُ بند" ۽ "انقلابيءَ جو موت"؛ پوءِ جون لکيل ڪهاڻيون آهن، جيڪي پڻ سنڌ جي ادبي حلقن ۾ واکاڻيون ويون آهن.

ڪامريڊ جي ڪهاڻين ۾ سنڌ جي ڀهراڙين توڙي شهرن جي زندگيءَ ۽ مسئلن جي تصوير پيش ڪيل آهي. هن هرويرو عام ڪهاڻيڪارن وانگر پنهنجي ڪهاڻين ۾ ٻوليءَ جو طلسم، رنگيني، تشبيهن ۽ استعارن جو سهارو نہ ورتو آهي، پر جيڪا ڳالهہ هو ٻڌائڻ چاهي ٿو، سا بلڪل سادن سودن ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عام فهم لفظن ۾، سؤلي ۽ سلوڻي ٻوليءَ ۾، اثرائتي نموني بيان ڪري ٿو. جنهن ڪري اهي ڪهاڻيون پڙهندڙ جي دل تي گهرو اثر ڪن ٿيون. ڪامريڊ جي ڪهاڻين جا پلاٽ اسان جي روزمره جي زندگيءَ مان ورتل آهن. ”ياچوڪڙ“ ۾ ان ڇوڪري جو بيان آهي، جيڪو اسڪول جي مار کان گهر ڇڏي ڀڄي وڃي ٿو ۽ وڃي خانه بدوشن جي ٽولي ۾ شريڪ ٿئي ٿو ۽ اهڙيءَ طرح هو زندگيءَ جي ڊوڙ ۾ پٺتي رهجي وڃي ٿو ۽ آخر مينهون چاريندڙ ٿي وڃي ٿو. ”رحيما“ هڪ ڇوڪريءَ جي زندگيءَ جو اهڙو ٻرندڙ مسئلو آهي، جيڪو اڄ کان پنجاهه سال اڳ به پڙڪندڙ هو ۽ اڄ به ساڳي ئي طرح ألا اٿاريندڙ آهي. هن ۾ ڇوڪرين جي ٻي جوڙ شادين سبب سندن زندگيءَ جي تباهيءَ جي روئيداد بيان ڪئي وئي آهي. غلط شاديءَ سبب ”رحيما“ خراب ٿئي ٿي. گهر ڇڏي ڀڄي وڃي ٿي ۽ آخر وڃي چڪلو وسائي ٿي. ”آڪيري جو تنن“ ڪهاڻيءَ ۾ ڌاڙيلن جو دهشت ۽ خوف سبب ڳوٺن جي اجڙڻ ۽ ويران ٿيڻ جو تصور بيان ڪيو ويو آهي. جيڪو اڄ کان 50 سال اڳ به سچ هو ۽ اڄ به سچ آهي. ڪامريڊ هن ڪهاڻيءَ ۾، پنجاهه سال اڳ ڳوٺن ۾ رهندڙ، مسڪين ماڻهن جو ڌاڙيلن جي خوف کان لڏپلاڻ جو ذڪر ڪيو آهي. اڄ به ڪامريڊ جي اها ڳالهه سچي نظر اچي ٿي، ڇاڪاڻ جو اڄ به ڌاڙيلن جي خوف کان ڳوٺن کان ماڻهن جي لڏپلاڻ جاري آهي. اهڙين ڪهاڻين ۾ به ڪامريڊ سوڀي حقيقتن کي اهڙي پُراثر نموني ۾ پيش ڪيو آهي جو اُهي هن دؤر جون ڪهاڻيون محسوس ٿين ٿيون.

ڪامريڊ جي ڪهاڻين جا ڪردار اسان جي معاشري جا جيئرا جاڳندا ڪردار آهن، جن جي معرفت هن پنهنجي ترقي پسند خيالن ۽ نظرين جو اظهار ڪيو آهي. ”ياچوڪڙ“ ۾ ڪامريڊ هڪ ڪردار رمضان جي واتان چورائي ٿو ته، ”خبر ناهي، ٻنڻ جي پورهئي مان ڪراهت ۽ ٻين جي ڪمائيءَ مان پيٽ پالڻ واري پيشي کان نفرت ڪيئن پيدا ٿي... ٻين تي ياڙڻ واري حياتيءَ کان آتِ اچڻ لڳي.“

”خودڪشي“ ڪهاڻيءَ ۾ انساني همدرديءَ جو اظهار ڪندي مک ڪردار جي واتان چورائي ٿو ته، ”هي پيڙا ڀريون زندگيون.... هي چهرا،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪي ٻوڙهن سان پريل آهن، هي ڏرا ڏنل اکين سان پار ۽ پن گهُرندڙ هَٿن سان ماڻهو... هي نوجوان جيڪي رڳو پورهيو ڪري هَڇي مرڻ لاءِ آهن، هي اڇي ڏاڙهيءَ وارا پوڙها، جيڪي ڏهرن ڏيلن ۽ گهنجيل چهرن سان آهن؛ ڪيئن نہ انهن منهنجي اندر ۾ گهر ڪيو آ... ڇا مان انهن کي ڇڏي ڏيان. مان انهن لکن ماڻرن سان دوکو ڪيان.... مان غريبن کي اٿاريندس....".

"انقلابيءَ جو موت" ۾ ابراهيم ملباريءَ جي عوام- انقلاب دوستيءَ جو ذڪر ڪندي ٻڌائي ٿو تہ، "جڏهن اسان کي 1948ع ۾ جيل ۾ وڌو ويو تڏهن ابراهيم ملباريءَ اسان کي جيل ۾ لکي موڪليو، "ڪامريڊ! پرواهہ نہ ڪيو.... مان دفتر سنڀالي ورتو آهي... بندِ اميد تہ نہ ٿيندو. مان پڪڙيس تہ بيا ايندا. جهنڊو ڦڙڪندو رهندو."

"ڪڏهن بهار ايندو" ۾ رحيم جي واتان چورائي ٿو تہ، "ماڻهو پنهنجو عمل حقيقتن مطابق ڪندو آهي ۽ اصول صرف حقيقتن کي سمجهائڻ ۽ انهن تي روشني وجهڻ ۾ مددگار ٿيندا آهن."

ڪامريڊ سوڀي جي ڪهاڻين جا اهي ڪردار اسان کي گهڻو ڪجهہ ٻڌائين ۽ سمجهائين ٿا ۽ انهن مان هر هڪ وٽ ڪونہ ڪو بامقصد پيغام آهي، جيڪو هر دؤر جي پڙهندڙ کي اتساهہ بخشيندو رهندو. ۽ زندگيءَ جي راهہ ۾ پير پساري ويهڻ بجاءِ منجهن اڳتي وِک وڌائڻ جو وِلولو ۽ حوصلو پيدا ڪندو رهندو!!

لاڙڪاڻو

تاريخ: 25-1-93

اياز قادري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کھاٹيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خودڪشي!

مان پٿيءَ پر ڪٽ تي آهليو، ڇت جون پٽيون ڳڻي رهيو هيس. هڪ، ٻہ، ٽي،. . . . . پنج، ڇهہ، ست. . . . . ڪڏ ۾ هٽين! هڪڙي وچتي رهجي ويئي!. . . هڪ، ٻہ ، ٽي . . . . سترهن . . . ..ٺيڪ، ڪُل سترهن آهن. ڏسان تہ سهي، ٻيءَ ڇت ۾بہ سترهن پٽيون لڳل آهن. . . . . . هڪ، ٻہ، ٽي. . . . . ڏهہ . . . . بلڪل ٺيڪ، پر انهن پٽين کي ڳڻڻ جو فائدو . . . . . اهو (طريقو) ڪنهن بہ صورت ۾ ان پيڙا کي گهٽائي سگهي ٿو. . . . . مان ڪهڙو نہ غير سنجيدگيءَ وارو تاثر پيو ڏيان. . . . . . مون کي اميد آهي تہ هِتان لاءِ، اُتي ڪجهہ بہ ناهي. . . . . پر هُن (ڇوڪري) بابت ڇا خيال آ. . . . هُن مون سان واقعي پيار ڪيو . . . . ٽي سگهي ٿو ڪيو هجئين.. . . . هوءَ ڪيڏي نہ ميناج سان مشڪندي هئي ۽ پيار سان ڳالهائيندي هئي. . . . . . هوءَ ڪيڏو نہ نماڻائيءَ سان نهاريندي هئي. . . . . رڳو مان ئي بي رَخيءَ سان ڇپن کي پڪوڙي ڇڏيندو هيس. . . . . . پر اهو سڀ ڪجهہ بي وقوفي هئي. . . . . مان هرون ڀرون اهو خيال ڇو آڻيان تہ هوءَ مونسان پيار ڪري ٿي. . . . . . هُن ڏکي ڇوپائين نڪ سان. . . . . . . هن وڏين هڙٻانن واري ڇهري سان . . . . پر انهن ئي تہ ٻڌايو. . . . هو بي وقوف. . . . . . . ٻڌائي ٿي تہ منهنجي مُرڪ وڻندڙ آهي. . . . پر مون تہ آئيني ۾ ڏٺو آهي تہ اها ڪا ايڏي وڻندڙ تہ ڪونهي. . . . . جيتوڻيڪ مون ڏاڍي ڪوشش ڪئي آهي. . . . . مون تہ پاڻي کي بي سُرو ڏٺو آهي. . . . يا ڇَسو ئي ڇٽي سگهندس؟. . . . .

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان پاڻ ڀين کي نصيحت ڪندو آهيان تہ متان ائين سمجهو تہ
جيڪڏهن ڪا ڇوڪري توهان سان کلي ڳالهائي ٿي تہ اها پڪ توهان
سان پيار بہ ڪري ٿي. . . . . . . پر ڇا پنهنجي باري ۾ . . . . . .
ڇا مان ڪو بيو قوف ناهيان. . . . . اهي ڇوريون ايڏيون تہ نخريليون
ٿين ٿيون جو مان سوچيان تہ هوءَ مون سان پيار ڪري ٿي . . . . .
انهن مون کي ٻڌايو تہ مون کان اڳ، هوءَ ٻين سان بہ اهو تماشو ڪري
ويئي آهي، پر ڀانئيان ٿو تہ مون ۾ ڪا خاص ڪشش آهي. . . . . .
ننڍ پڻ کان وٺي ڪيترن ئي مونسان پيار ڪيو، سواءِ ڪنهن ٻڌائڻ
جي. . . . . . رُخ ڏيڻ جي . . . . . . هڪ، ٻہ، ٽي، چار، پنج. . . .
. ڏوڙ پوين! . . . . . مان ڇا جي باري ۾ سوچي رهيو هيس!
مون کي ايمر- اي کان پوءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟ مائٽ تہ چاهن ٿا تہ
مان ڪمايان . . . . . . منهنجو پيءُ وڏيون اميدون ڪيو ويٺو آهي. .
. . . ڏاڏو سائين وڏي رٿ رٿيو . . . . چاچو . . . . . . هُن
سڄي عمر منهنجي لاءِ ئي ڪيو . . . . . . ايڏو پيار، ايڏو، مضبوط،
ايڏو بردبار، محنتي. . . . . صحيح لفظن ۾ تہ رشي آهي. . . . . پر
هي پيڙا پريل زندگيون. . . . . هي چهرا جيڪي ڳوڙهن سان پريل
آهن! هي ڏرا ڏنل اکين سان ٻار ۽ ٻن گهرندڙ هٿن سان، ماٺهو، هي
نوجوان جيڪي رڳو پورهيو ڪري هڄي مرڻ لاءِ آهن، هي جيڪي
اڇي-- خاڪي ڏاڙهيءَ وارا پوڙها، جيڪ ڏٻرن ڏيلن ۽ گهنجيل چهرن
سان آهن. . . . . . ڪيئن نہ انهن منهنجي اندر ۾ گهر ڪيو آ. . . . .
ڇا مان انهن کي ڇڏي ڏيان. . . . . مان انهن لکن مائرن سان دوکو
ڪيان. . . . . ها! ڪيڏيون نہ پياريون مائرون آهن آهي . . . . .
جڏهن مان غريبن کي آٿاريندس. . . . . اهي پنهنجي درن جي چائنٽ
تي، پنهنجي ٻانهن تي پنهنجا ٻار ڪنيو رڙيون ڪندا. . . . . جڏهن مان
ڪنهن ڀلي گهوڙي تي، سندن دروازن اڳيان لنگهندس. . . . . 'پٽ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نو اسان جي لَڄ رکي، خدا جي توتي رحمت هجي!. . . . . ' ۽ مان سوچيندس ته منهنجو ڪنهن به خدا ۾ يقين ڪونهي، پر مان خوش هيان. . . . . مان انهن کي ڏسي مُرڪندس ۽ پنهنجين چمڪندڙ اکين سان هلندو رهندس.. . . . .

پر مون کي ڇا ڪرڻ کپي! پئسا ڪٿان ايندا؟. . . . . بابو سائين نه نٿو ڏيئي سگهي. . . . . مون کي ڪارڪنن جي ٽولي کي سرگرم ڪرڻوپوندو. . . . . مون کي ڪاليج ڏانهن واپس ورڻو پوندو ته اُتي ليڪچر ڏيان. . . . . مان چوندس اچو مون سان گڏ. انهن لاءِ جيڪي ڌرتيءَ تي ان اُپائن ٿا. اچو مون ساڻ، انهن جي لاءِ جيڪي گهر ناهين ٿا. توهان لاءِ ڪپڙا اُڻن ٿا. اچو ۽ ڏسو، انهن وٽ کائڻ لاءِ ڇا آهي، رهڻ ۽ پهرڻ لاءِ ڇا آهي. توهان ته سکيا ستابا آهيو. پر مون ساڻ اچو، ڪن محنت ڪشن سان گڏجي ڪم ڪيو. گاڏيون هلائيندڙن سان ملو. ڍڪڻ، لوهرن، سونارن، ڪاٺ، لوهه، سون جي گهڙيندڙن سان ملو، هارين جيان هاري ٿي انهن جا ساٿي بڻجو. اهي توهان تي ڀروسو ڪندا، توهان کي سمجهندا، توهان لاءِ جيئندا مرندا. . . . .

پوءِ جڏهن پورهيت ۽ هاري جاڳي پوندا ته ڌرتيءَ تي امن ۽ شانتي هوندي، انهن لکن ماڻهن لاءِ، جي بي زبان آهن. . . . . شايد توهان انهيءَ ڪوشش ۾ مري به وڃو. . . . . پر توهان لاءِ اهو آٿت هوندو، اهو سڪون هوندو جو هڪ عظيم آدرش لاءِ زندهه رهڻ ۾ هوندو آهي. ڇا اهو ڪافي ناهي؟. . . . . ڇا اهو ڪافي ناهي؟. . . . .

۽ پوءِ سڄي ڪمري ۾ خاموشي هوندي. . . . . جذبات ۾ ڇپ ڦڙڪڻ لڳندا. . . . . اکيون ڳوڙهن سان ڇلڪڻ لڳنديون. . . . .

پوءِ مان محسوس ڪندس نوجوانن جي امنگن ۽ جذبه جهاد جو ڇُهاءُ!. . . . . مان پڇندس 'ڪير مون سان هلندو' . . . . . گجگوڙ جيان راڙو ٿيندو 'اسان سڀ اينداسين. ڪوبه پٺتي نه رهندو! پوءِ اسان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مارچ ڪندي نڪرنداسين. . . . . نوجوانن جي فوج. . . . . اسين سويارا ٿينداسين. . . . . ڪابه شيءِ اسان جي راهه ۾ رُڪاوٽ نه ٿيندي. . . . .'

. . . . . . چا مون کي ايڏي سگهه آهي! . . . . . . مان وڏيون تقريرون تيار ڪيان تو. . . . . پر مان اُتي ڇوڪرين کي گهورَي به نٿو سگهان. . . . . منهنجي لفظن ۾ ڪڏهن اهڙو جادو ۽ ڪڙڪو پئدا ٿيندو. . . . . پر زندگي ڏاڍي بي لذت آهي، رواجي نثر جيان آهي. . . . . ڇا مون سان نوجوان گڏ ٿيندا. . . . . اهي نوجوان جي ايڏا هلڪڙا، بي سمجهه، ايڏا ڇَسا. . . . . اهي پاڻ پڏائڻ وارا، سوٽن، بوٽن، ڪوٽن، ٽوپن لاءِ متوالا. . . . . جو هر هر پيا پاڻ کي تڪيندا ته پينٽ جي ڪريز ته صحيح آهي. . . . . اهي رنگين گڏيون مون کي پڏنديون. . . . .

ڇا اُهي سڀ مون کي پڏندا. . . . . ؟

مان واپس ڌرتيءَ تي اچي ويس! اُهي، ايندا. . . . . اُهي خواب آهن. . . . . ڊرامائي، شاعراڻا، زندگيءَ سان انهن جو ڪو واسطو ڪونهي. . . . . انهيءَ ڏينهن هو مُرليءَ وارو آيو . . . . . ڪاش، مان مُرلي وڄائڻ چاڻان ها . . . . وستي وستيءَ وڃان ها، دردر ڀٽڪان ها، انقلاب کي آلاپيندي. . . . . هڪ هٿ ۾ مانيءَ جو ڳيو ساڻ ڪري. . . . . ليڙون ٽيل ڪپڙن سان. . . . . ڪيسن ۾ انقلابي پمفليٽ ۽ پنا وجهيو. . . . .

" هاري ۽ مزدور جاڳو! اُهي سمجهندا مون کي!. . . . . پر ڇڪل ۽ وياڪل. . . . . ڇا سيئي منهنجي سڏ کي پڏندا؟ ورنائيندا؟ ننڍڙا ماڻهو! اهو هڪ خواب تي، هڪ خواب. . . . . زندگي ڏاڍي ڪڙي آهي. . . . . ماڻهو ڏاڍا ڇسا. . . . . غربت، بيماري، گندگي قتل، قرمار. . . . . پيار تي بندشون، دوستي ڏڪاريل. . . . .

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاهپ مشڪوڪ. . . . . سڀ گند، گند، گند. . . . . ڪاش،
سڄي دنيا منهنجي ڳوڙهن ۾ لڙهي وڃي. . . . . هي گند. . . . .
گند. . . . .'

تهذيب!. . . . . ثقافت!. . . . . انسانيت متان بار ٿي پيا آهن.
. . . . انسانيت انهن اجاين بارن هيٺان دٻجي ويئي آهي. . . . . اسان
گڏهه آهيون، جو اِهو سمجهه ۾ نه ايندڙ تهذيب ۽ ثقافت جو بار ڍويون
ٿا. . . . . ٽڙندي ٽاڙڙندي هلون ٿا، رُڪجون ٿا. . . . . پر اجان به
رڙيون ڪيون ٿا ثقافتن ۽ تهذيبن کي بچايو وڃي. . . . . ڪاش مان
وحشي هجان ها. . . . . هن تهذيب اسان جي زندگين ۾ زهر ڀري
ڇڏيو آهي! اسان کان، اسان جون ساديون ۽ سلوڻيون خوشيون کسي
ورتيون آهن، جت پورهيو هڪ عذاب ٿي پيو آهي، پيار ناجائز ٿي پيو
آهي. . . . . ڪڏهن نه يورپ وارا آفريڪا وارن کي قتل ڪري رهيا
آهن، پنهنجي تهذيبي احساس برتري جي سهاري. . . . .
پر مان ڇا آهيان؟ ماڻ ڪُن ۾ هڪ ترورو! بارود سان ڀريل. . . .
. پر پوءِ به ايڏو بي وس. . . . . ڪمزور. . . . . پنهنجي بي
وسيءَ جو هڪ دوست سان ڪيئن نه ذڪر ڪيم! ڪائنس صلاح
ورتم، جڻ ته هو مون کان وڌيڪ بهادر هو! هو به ساڳين ئي سورن ۾
آهي. . . . . اسان جو نسل سمنڊ جي سيرَ تي لڙهندڙ آهي. . . . .
جنهن کي نه بيهڪ آهي، نه ٺهراءُ. . . . . اسان ڏڪيا اکٽي پيا وڃون.
. . . . لعنتي بي دين!. . . . . ڪنهن اڻ ڄاتل جهنم ڏانهن. . . . .
زخمي روح. . . . . نه ڪنهن تي ايمان. . . . . خدا کان منڪر. .
. . . نه ڌرم تي ڀروسو، نه اخلاق تي . . . . . نه موسيقي آ، نه
شراب. . . . نه خاتمو آ. . . . .

مون قلم کڻي لکڻ شروع ڪيو. 'مان آيوڊين پي پنهنجو انت آڻيان
ٿو. هن قدم لاءِ، سواءِ منهنجي پيو ڪوبه ذميوار ناهي. يارنهن سالن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي عمر ۾ مون پيمر يا ارجن ٿيڻ پئي چاهيو. جيئن ديس دروهين کي ڏکي ڪيان. چوڏهن سالن جي عمر ۾ I.C.S ٿيڻ جي خواهش پئي ڪيم ته جيئن هزارين روپيا ڪمائي سگهان. پندرهن سالن جي عمر ۾ مان وويڪ آنند، رام تيرت ٿيڻ پئي گهريو ته جيئن ويدانت جي روشني ڪٽي، مغرب جي مريض ماڻهن کي ڏيکاري سگهان. سورهن سالن جي عمر ۾ ٽئگور، شيڪسپئير يا ڪا ٻي اهڙي عظيم هستي ٿيڻ پئي چاهيم. اٺويهن سالن جي عمر ۾ لينن پئي ٿيڻ چاهيم. پر مون محسوس ڪيو، مان ڪجهه به نه ٿيندس. شايد مان ٽئگور جي ڪهاڻيءَ جي اسڪول وارو ماسٽر ٿيندس. . . . .

"مان ۽ سارا بالا اسڪول ۾ ڪٺا هياسين. . . . . مان چاهيو پي گئريبالڊي ٿيان. . . . . پر هتي مان اسڪول جو ماسٽر آهيان. . . . . پر اها رات،جيڪا اسان ان حوض وٽ، هڪبئي کان چئن فوٽن جي مفاصلي تي تيز وسندڙ مينهن ۾ گڏ گذاري هئي. . . . . (مان ۽ سارا بالا). . . . . تنهن مون کي زندگيءَ جو مقصد ٻڌايو هيو" پر مان ڪنهن به صورت ۾ اسڪول جي ماستريءَ تي راضي نه ٿيندس ۽ نه وري منهنجي سارا بالا منهنجي ايترو ويجهي آهي. منهنجو هينئر ڪجهه به نه ناهي. مون پنهنجا سڀ بت/ معبود ٽوڙي ڇڏيا آهن. منهنجو هاڻي ڪو ايمان ڪونهي. انڌي واڳرمون سڀ سهارا پيجي پوري اڇلي ڇڏيا. جيڪو به منهنجو هيو هينئر مون وٽ ڪجهه به نه آهي. مون پاڻ لاءِ ڪا ٽيڪ، ڪو سهارو نه ڇڏيو آهي. زندگيءَ جي هن مونجهاري کي ختم ڪرڻ چاهيان ٿو. مان ان کي ختم ڪيان ٿو.

لکندڙ هڪ- به - ٿي.

. . . . . مان پنهنجي خالي پيٽ ۾ بوتل جو پورو مواد اوتي ڇڏيو. . . . . منهنجو سڄو وجود ڏکڻ لڳو. . . . . پنيءَ جي ڪنڌي ۾ ٿڌ جي لهر ڊوڙڻ لڳي مان هڪدم اُبو تي وينس .هوڏاري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پريشانيءَ مان گهورڻ لڳس. . . . . مان سمجهي ويس . . . . . تہ مون خواب پئي ڏٺو. . . . . خوف ناڪ خواب. . . . . مون پنهنجن خشڪ چپن تي زبان ڦيرائي ۽ پوءِ ڪوڙي ۽ ڪساري انداز ۾ مُرڪي پيس. ●

(هي ڪهاڻي اصل انگريزي ۾ My Suicioe جي سري هيٺ شانتي نڪتين ڪاليج (بينگال) جي شاگرد رشڪتايون پاران ڇپجندڙ ميگزين "وشوا ڀارتي" جي پارهين واليوم جي پهرينءَ شماري (جون ١٩٤٠ع) ۾ ڇپي هئي- سنڌي ۾ منظور بلوچ ترجمون ڪئي.)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڃو ڪڙ

وچ سانوڻيءَ جي ڪاڙهي واري رات هئي. وقت لڳ ڀڳ ڏهه وڳا هجن. ڳوٺن ۾ گهڻو ڪري هن وقت تائين سڀ ڏينهن جي سخت پورهيي ڪانپوءِ ماڻهو پنهنجين کٽن تي ڏاڍو آرام سان ڪونگهرا پيا هڻندا آهن.

پر اڄ رات ڏاڍي رُڪيل هئي ۽ مڇرن جا لشڪر به پنهنجا ساز ۽ آواز ماڻهن جي ڪنن ۾ وڄائڻ تي ضد ڀڏيو بيٺا هئا. پر ان کان به وڌيڪ جاڳائيندڙ چلم جي ٻُڙ ٻُڙ جا آواز هئا.

هو چلم کي تازو ڪري اوطاق ۾ رکي اڃي سهڙيا هئا ۽ سڀ ڏينهن جا حال احوال ۽ منهنجي واپس ڪاليج وڃڻ جي تيارين بابت پاڻ ۾ ڪچهري ڪري رهيا هئا. منهنجي وئڪيشن پوري ٿي وئي هئي ۽ سڀاڻي صبح جو سويل مون کي روانو ٿيڻو هو.

مان ننڊ جي چنتا ۾ هوس، پر هڪ گرمي ۽ ٻيو اهڙن پيارن ڳوٺ جي ماڻهن ۽ مائٽن کان وڇوڙي جا اَگرا احساس ننڊ ڪرڻ نه پيا ڏين. سو اڪيون ٻوٽي کٽ تي ليٽيو پيو هوس ته جيئن ڪاليج بابت پنهنجن بزرگن جون ڀاراٽيون ڳالهيون ۽ اجايا سوال ڪن لاتار ڪري ٽاري سگهان. پر تنهن هوندي به هنن جون اجايون سڄايون ڳالهيون پئي ٻڌم. هوريان هوريان هڪ ڪان پوءِ ٻيو ۽ ٻئي ڪان پوءِ ٽيون، اوٻاسيون ڏيندو، اٿندو ۽ هلندو ويو ۽ باقي وڃي بچيو اسان جو چوڪيدار رمضان جيڪو اسان جون ڳئون ۽ مينهون چاريندو هو.

رمضان هڪڙو ڳجهارت جهڙو ماڻهو هو. ڳالهائيندو گهٽ هو. پر ڳالهائڻ سان گڏ زور زور سان کلندو گهڻو هو. تهڪن سان گڏ ڳالهائڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان گڏ زور زور سان ڪلندو گهٽو هو. تهڪن سان گڏ ڳالهائڻ ۾ هو سيني ڪان ڪسر ڪٽي ويندو هو. معمولي چرچي ڀوڳ تي ايترو ته ڪلندو هو، جو لڳندو هو ته جڻ هن کي دؤرو پئجي ويو آهي. هن جا تهڪ ٻڌي اسان کي به اچي ڪلَ ورائيندي هئي ۽ کِلي کِلي پيٽ ۾ سور پئجي ويندو هو. هن جي مضبوط هاٿي ۽ ڦڙتي ڏسي منهنجي ٻاراڻي دل موهجي ويندي هئي. لڪڻ هٿ ۾ ڪنيو، ڪڙائين نموني عربن جي نسل وارن ماڻهن وانگي، توريل تڪيل قدم کڻندو مال کي چارڻ لاءِ جڏهن روانو ٿيندو هو ته هن جا ”هو – امان – هو“ جا آواز ايترو ئي وٽندڙ لڳندا هئا، جهڙو هو پاڻ هو.

مون ٻڌو هو ته جڏهن هو اسڪولي ٻار هو، تڏهن پنهنجن مائٽن وٽان ڀڄي ويو هو. ان ڪري مون کي هن جي جيون ڪٿا ڄاڻڻ جي ڏاڍي اُٽڻ هوندي هئي.

”رمضان، هن رڳهه ۾ مچرن ۾ ننڊ نه ٿي اچي. ڪا ڳالهه ته ڪٽي ٻڌاءِ.“ مون چيو.

”سائين اسان جٽ ماڻهو، توهان کي ڪهڙيون ڳالهيون ڪٽي ٻڌائيندا سين. مان توهان کي وڇٽي جي هوا ٿو ڏيان، توهان ننڊ ڪريو، جو ته توهان کي صبح سويل روانو ٿيڻو آهي.“

”نه نه – اڄ رات مان ننڊ نه ڪندس. تون مون کي اها ڳالهه ٻڌاءِ ته تون مائٽن جي گهر مان ڇو ڀڄي ويو هئين. ايترا ورهيه ڪٿي هئين ۽ ان وچ ۾ حياتي ڪيئن گذاريئي.“

”سائين، منهنجي زندگيءَ جي ڪهاڻيءَ ۾ اهڙي ڪهڙي دلچسپ ڳالهه آهي، جيڪا توهان ٻڌڻ لاءِ ايڏو منتظر آهيو. مان ته هڪ بيوقوف ماڻهو آهيان ۽ شايد اڳتي به رهندس.“

”ڳالهه جيئن به هجي، مون کي سچ سچ ٻڌاءِ ۽ جي ننڊ اچي ته جاڳائي به ٻڌاءِ.“ مون ٻاراڻو ضد ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن اُتي پاڻيءَ جو هڪ گلاس پيتو. پنهنجي ڪوٽيءَ مان حقو ڪڍي آيو ۽ ڪنگهي ڪڍڪي، شروع ٿي ويو:

”سائين، مان هڪ معزز خاندان جو ماڻهو هوس. منهنجو پيءُ شاهن ڪوٽ ۾ پوليس جو سب انسپيڪٽر هو.“ هن حقي مان ٽي چار ڦوڪون پريون ۽ قصو شروع ڪيو:

”اسان ٽي ڀائر هئاسون. هڪ مون کان وڏو ۽ هڪ ننڍو. مان ۽ منهنجو وڏو ڀاءُ غفور اسڪول ويندا هئاسون. صبح جو سويل امان اسان کي ننڊ مان جاڳائي، ڌوئي پوئي، شيون ڏيئي اسڪول لاءِ روانو ڪندي هئي. امان، ان کان پوءِ گهر جي ڪم ڪار ۾ لڳي ويندي هئي ۽ اسان شيءِ کائيندا. ڪلهن ۾ ٿيلها لڙڪائيندا اسڪول هليا ويندا هئاسون. کائڻ واري شيءِ گهٽو ڪرڻ واٽ تي ئي کپي ويندي هئي ۽ منهنجي دل ۾ زور دار سڌ پيدا ٿيندي هئي، تہ جيڪر واپس گهر ڊوڙ پائي امان کي وڃي چوان تہ مون کي ٻي بہ شيءِ ڏئي. پر منهنجو ڀاءُ مون کي نہ ڇڏيندو هو. ان ڪري اسان اسڪول ڏي هليا ويندا هئاسون. مون کي پڙهڻ جو شوق بلڪل ڪونہ هوندو هو. ڪلاس ۾ سدائين پوئتي رهندو ايندو هوس، جنهن ڪري روزانو مار ملندي هئي. خاص ڪري حسابن وارو ماستر تہ مون کي پيو ماريندو هو.“

رمضان جي پيشانيءَ تي گهنج وڌڻ لڳا هئا ۽ لڳي پيو تہ هُو حقو ڇڪيندي ڪنهن اونهي خيال ۾ گم ٿي ڪا اهڙي ڳالهہ ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو، جيڪا ورهين جي وِٿي پوڻ ڪري ڳجهارت ٿي پئي هجي.

”سو سائين، ماستر اسان کي تيستائين مار ڏيندو رهندو هو، جيستائين هن جا هٿ ٿڪجي نہ پوندا هئا. اسان کي روئڻ جي همت نہ ٿيندي هئي، ۽ ڏک جهليندي ٽپا ڏيندا هئاسون ۽ هٿ جوڙي معافيءَ لاءِ ٻاڪاريندا رهندا هئاسون ۽ چوندا هئاسون تہ، ”سائين رڳو اڄ معاف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيو.“

ائين چئي رمضان ڪلي ڏنو، ”سائين اسان پڙهندا اصل ڪونہ هئاسون، هڪڙي سان وڙهندا هئاسون، مس ڪُپڙيون پيندا هئاسون ۽ وري لڪڻ ڪائيندا هئاسون. مار اسان کي اصل سنواري نہ سگهي. هاڻي اسان مار تي هِري ويا هئاسون. اسان هميشہ رولو ماڻهن وارو قول دهرائيندا رهندا هئاسون تہ، ’رلينگا پنينگا ٽئينگا نواب- لکينگا پڙهينگا ٽئينگا خراب.‘ سو اسان گهٽو ڪري گسائيندا هئاسون. ان سلسلي ۾ منهنجا ڪي ساٿاري بہ هوندا هئا. صبح جو اسان ٽيلها ڪلهن ۾ وجهي بظاهر اسڪول وڃڻ جي نيت سان نڪرندا هئاسون. ۽ پوءِ هڪ ويران گهر ۾ پنهنجا ٽيلها لڪائي ڪيترائي ميل پنڌ ڪري پير ميڙي ڪائيندا هئاسون. ڪڏهن ڪڏهن ڪڏن مان ڪُمَ پٽڻ ويندا هئاسون، اهڙيءَ طرح ڪپڙا خراب ڪري نيڪ اسڪول کان موڪل ملڻ مهل گهر موٽندا هئاسون. ٻئي ڏينهن اسڪول ۾ اسان جي غير حاضريءَ بابت ماستر اسان جي مائٽن کان پڇاڪندو هو ۽ سڀ ڳالهہ کلي پوندي هئي. اهڙيءَ طرح اسان کي اسڪول ۾ جدا ۽ گهر ۾ جدا مار ملندي هئي.“

رمضان حقي مان تڪڙا تڪڙا ڪش هڻي آتي ڪڙو ٿبو ۽ مينهنءَ جي واڙي ڏانهن سار سنيال لهڻ جي خيال سان ويندي وبندي چئي ويو، ”مان گهڙي کن ۾ اچان ٿو ۽ وري اچي ٿو قصو ڪٿان.“

مان سوچيندو رهيس ۽ هو پري نڪري ويو. ان وقت مان ننڍا ڪڙو ٿي رهيو هوس، پر منهنجي ذهن جي پردي تي منهنجي پنهنجي ٻالپڻي جي يادگيرين جون تصويرون گهمڻ لڳيون. مون کي ياد آيو تہ ڪيئن نہ هڪڙي ڏينهن مون بہ پيرن تي لڪڻ کاڌا هئا. مون کي چڱيءَ طرح ياد اچڻ لڳو تہ ماستر مون کي ائين ماري رهيو هو، چڻ بي جان مٽيءَ جي لوٿڙي تي تي لڪڻ وسايائين ۽ ان کانپوءِ مان ڪيئن گهر کان پهچڻ گهريو هو، پر پوءِ ماءُ کان وڃڙي وڃڻ جو سوچي پوئتي رهي پيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوس.

پيرن جو ڪڙ ڪو ٻڌي، مان اوچتو اُتي وينس. ڏٺم ته رمضان ڪاٻي هٿ ۾ ٻتي لوڏيندو ۽ ساڄي هٿ ۾ بانس جي لٺ ڪنيو اچي رهيو هو. مان هوشياريءَ سان اُتي ويهي رهيس ته جيئن ننداڪڙو نه لڳان. رمضان اچي ٻتي ۽ لٺ هيٺ رکي، حقي مان قوڪ ڀري وري شروع ٿي ويو.

”هڪ ڏهاڙي مان امان سان ان ڳالهه تي جهيڙو ڪيو ته منائي ڇو ٿوري ڏني اٿائين. هن کي گهر جو ڪم هو، پر مان منائي وٺڻ لاءِ هن جي چنگهن ۾ چنبڙي پيس. هن مون کي لپاٽ وهائي ڪڍي ۽ منهنجين ننڍڙين ٻانهنِ مان پنهنجا مضبوط پير ڇڏائي ڪاوڙجي هلي وئي. مان اُتي روئندو ۽ سڏڪندو رهيس ۽ اهڙيءَ طرح اسڪول کي دير ٿي وئي. ايتري ۾ چار ڇوڪرا مون کي اسڪول وٺڻ لاءِ اچي سهڙيا. هنن چيو ته، ’جي نه هلندين ته اسان توکي کڻيي کڻي ويندا سون.‘ مان نابري واري ببئس. پر هو مون کي ٻانهنِ ۽ ڄنگهن کان جهلي ٽنگو ٽالي ڪري اسڪول ڏي هلڻ لڳا ۽ سڄي واٽ دڙڪا ڏيندا هليا. اسڪول ۾ خاص ڪري حسابن جي پيرڊ ۾ مون کي ماستر کان جيڪا مهماننوازي ملڻي هئي سا ملي ۽ مان روئي روئي اڌ مئو ٿي پيس. ”ان ڏينهن مون فيصلو ڪري ڇڏي ته هاڻي مان هتان ڀڄي هليو ويندس. مون ۾ وڏيڪ سهپ ڪانه هئي. دل ۾ چيم: هرڪو ڀڳو ٿو اچي مون کي مارڻ ۽ ڪوبه مون کي پيار نٿو ڏئي. ٺيڪ آ، پنندس ۽ ڪائيندس. پر هتي نه رهندس.

”مون کي اصل کان لا ڏائو ۽ رولو ماڻهن لاءِ هڪ قسم جي چاهت هوندي هئي. هنن جي آزاد ۽ رولاڪ زندگي مون کي ڏاڍي وڻندي هئي. ٻڌو هوم ته پرپاسي واري ڳوٺ ۾ باگڙين اچي لڏو لاٿو هو. انهن ڏينهن منهنجي عمر لڳ ڀڳ ڏهه سال هئي. پر عمر آهر مان وڌيڪ دلير

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ مضبوط هوس. سو مان اتان چوريءَ وٺي ڀڄس، پر يا ته ميلن تائين پنڌ ڪري ڪري نيٺ ٿڪجي پيس. فجر ڪان ماني نه کاڌي هئم، پر ڪيسي ۾ ٿورا ڀڳڙا ڪنيا هئم سي کائي، ٻنيءَ جي ڪَسيءَ مان پاڻي پي هڪ وڻ هيٺان سمهي پيس. ۽ جنهن مهل اک کلي ته ڏٺم ته ڀوپاڙي ٿي وئي هئي. مون کي پڪ هئي ته شام تائين منهنجي ڀويان ڪوبه نه ايندو. چاڪاڻ ته ان ڪان اڳ به ڪيترا ڀيرا گهر مان ڀڄي نڪتو هوس، پر ڀوپاڙيءَ تائين پوئتي موٽي آيو هوس. سو ڊوڙڪي هلڻ لڳس ۽ نيٺ انهيءَ ڳوٺ اچي سهڙيس، جتي باگڙين لڏو لاتو هو. پوءِ مان سڌو اوڏانهن هليو ويس. هنن جو ڏٺو ته ناهوڪو شڪار اچي ويو آهي. سو مون کي کائڻ لاءِ شيون ڏنائون. هڪ ڪراڙي مائيءَ اچي ڳراٽڙي پاتي، ننڍا ٻار ورائي ويا ۽ ائين عجب وچان ڏسي رهيا هئا ڄڻ مان ڪو عجوبو هوس."

رمضان ائين چئي خاموش ٿي ويو. هڪ ڊگهو ٿڌو ساهه ڀري ٻرندڙ ٻتيءَ ۾ گهوري ڏنائين جيڪا اجهامي رهي هئي. هن حقي مان ٻڙ ٻڙ جا آواز ڪڍيا ۽ اوچتو وري ڳالهائڻ لڳو:

"جڏهن مان گهر مان نڪتو هوس ته امڙ جي ڪيسي مان به رپيا ۽ ڪجهه پئسا چورائي آندا هئم سي ڪڍي باگڙين کي ڏنم ته جيئن هو مون کي خوشيءَ سان پاڻ وٽ رهائين. تن ڏينهن مان ٻار هئس. مان هنن بدمعاشن کي سمجهڻ جهڙو نه هئس.، هنن مون کي گهوري ڏنو ۽ پئسا وٺي منهنجي پٺي ٺپي چوڻ لڳا ته 'هي سٺو چوڪرو آهي.' چيائون. 'اسان توکي دهل وڄائڻ سيکاريندا سين ۽ هڪ پولڙي ڏئي پنڻ موڪليندا سون. پولڙي ملڻ جو ٻڌي مون کي ڏاڍي خوشي ٿي. مان ڏاڍو ٿڪل هوس ۽ جلدي ننڊ پئجي رهيس."

رمضان وري چپ ٿي ويو ۽ پوءِ مون ڏي نهاري ٿوري هٻڪ سان سوال ڪيائين. "توهان ڪڏهن به شاگرد رهيا آهيو، توهان بيزار نه ٿيا

هيئو.“

جواب ۾ مان رمضان سان باسي ويٺس ته ”مان نه رڳو گهر مان ٻچي وڃڻ جو سوچيو هو، پر ٽي دفعا سچي پچي ڀڄي نڪتو هئس. پر نما شام جو بک ۾ پاهه ٿي گهر موٽي آيو هوس. ائين لڳي رهيو هو ڄڻ منهنجا پير مون کي گهر ڏانهن گهلي وٺي آيا هئا. . . . . آخر ائين ڇو آهي جو مان هاڻي به سوچيندو آهيان ته جيڪر هتان ڀڄي نڪران. مان جڏهن به گهڻو ڏور وڻن جون قطارون ۽ پهاڙن جا سلسلا ڏسندو آهيان، ته دل ۾ اٿڻ پيدا ٿيندي آهي ته جيڪر ڪتاب اُڇلي، اوڏانهن ڀڄي وڃان، ڊڪندو وڃان. ڊوڙندو وڃان، ڏور گهڻو ڏور، انهن جبلن ڏانهن، ٻنين جي مٿان، ڳوٺ اُڪرندو، هوا جي جهوٽن سان سُرَ ۾ سُرَ ملائيندو، هڪبئي کان اڳ ڪيندڙ ڪڪرن کان ڪوڪاريندو ۽ ڀِڻ جهَڻ ڪندڙ دريائن جي پاڻي سان گڏ تهڪ ڏيندو ڀڄندو وڃان، ڏور، گهڻو ڏور. . . . “ ۽ اهو چئي مان روئي ويٺس.

مان وساري ويهي رهيو هوس ته منهنجي آڏو هڪڙو اَڻ پڙهيو ڳوٺاڻو رمضان ويٺو آهي. هڪ اٿاهه جذبي جي جهٽڪي ۾ اچي پنهنجي رولاڪ من جو هڪ لڪل اُڌمو هن کي ٻڌائي ويٺو هوس. ان مهل منهنجي اندر جي اک جي پڙدي تي ڇهچ سايون ٻنيون، ڏور پهاڙن جا سلسلا ۽ وهندڙ واهڙ جي پَرِتي پنهنجي ڳوٺڙي جو عڪس اُڪري آيو. جنهن جي چوڌاري اَڻَ اُپائيندڙ فصل پڃندا آهن. منهنجو ڳوٺ، جيڪو سادڙو، سانتيڪو ۽ فطرت ماتاجي هنج ۾ آهي. فطرت، جنهن تائين مان ڏور، گهڻو ڏور ڊوڙي پهچڻ گهران پيو. . . . اُهو چاڻندي به ته مان پنهنجي هن خوابن جهڙي ڳوٺ ۾ گهڻو رهي نٿو سگهان.

ٽي سگهي ٿو ته مان ٻنين ۽ پهاڙن کي سمجهي نه سگهيو آهيان ۽ سوچان ٿو ته، اڏامي وڃي ان پير جي وڻ تي ويهان ۽ هٿ سان پير پٽي کاوان. . . . کهاڙي کڻي جهنگل جا سڀ وڻ ڪَپي کڻي اچان. ٻنين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ هليو وڃان ۽ جوئر جا سنگ چني اچان. . . .

”رمضانَ.“ مون چيو. ”منهنجي من جي اُتل تو کان نرالي ناهي. تون پنهنجي ڪهاڻي جاري رک. . .“

”حاضر سائين. . . ويسرِ جي ڪري خبر ناهي ڳالهه ڪاٿي ڇڏي هئم. . . . سو سائين، ان رات سمهي ڏاڍي ننڊ ڪيم ۽ ڏڪيءَ مهل جڏهن اکِ کُلي ته سمجهه ۾ نه پيو اچي ته ڪٿي آهيان. اڪين تان خمار لٿا ته خبر پئي ته ڪنهن ڇَپَرَ ڪت تي ليٽيل ناهيان، پر ڪنهن ڇُرندڙ پرندڙ شيءِ تي سمهيل آهيان. . . . خوف وچان اُٿي ڪڙو تيس ۽ هيڏانهن هوڏانهن نهاريم. ڏٺم ته گڏهه جي پٺيءَ تي رکيل ڪنهن سنج تي سمهيل آهيان. . . . ۽ منهنجي اڳيان توڙي پٺيان باگڙي آهن. زالين مڙسين سامان جي بار سان لڏيل گڏهن جي اوسي پاسي پنڌ ڪري رهيا آهن. ڪجهه گڏهن تي هنن جا ٻار به سمهيل آهن. مون اهو سڀڪجهه هڪ نظر سان ڏسي ورتو ۽ ڪلهه جي واردات ياد اچي ويئي. لڳو پئي ته جيئن ئي منهنجي اک لڳي وئي هئي ته هنن به لڏپلاڻ شروع ڪري ڏني هئي. هو مون کي ڪيڏانهن کنيو پئي ويا. اوپرن ماڻهن ۾ پاڻ کي ڏسي منهنجيون اکيون ڳوڙهن سان پرجي آيون. ذري گهٽ دانهون ڪرڻ تي هوس. پر ننڊ جا خمار وري وڪوڙي ويا ۽ وري تڏهن جاڳيس جڏهن سج متي چڙهي آيو. . . . پر قافلو اجا اڳتي وڌي رهيو هو. مان پنهنجي ڳوٺ ڪانسواءِ ٻي ڪنهن به جاءِ کان واقف ڪونه هوس. ان ڪري اجنبي ملڪ ڏسي مزو به پئي آيو ۽ وري خوف به پئي ٿيو. نيٺ اسان هڪڙي ڳوٺ جي پاسي ۾ اچي لڏو لاٿو. هڪدم تنبو لڳي ويا ۽ ڪجهه باگڙي ڳوٺ ڏانهن ماني ٽڪي پنڻ لاءِ هليا ويا. مان اتي ئي لڏي سان گڏ ويٺو رهيس. هنن مون کي مانيءَ ٽڪر ڏنو، جيڪو مان بک وچان ڳڙڪائي ويس. ان مهل مون کي سار آئي ته ڪيئن نه امڙ مون کي مناٺي ۽ تول ڏيندي هئي. پر ان وقت سواءِ روئڻ جي ٻيو ڪو چارو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪونہ هو. ملڪ اوپرو ۽ پوئتي موٽڻ مجال هو. سو مان روئي ويٺس. هنن مون کي پرچائڻ جي ڪوشش ڪئي جيڪو پني آيا هئا، ان مان ڪجهہ شيون آچي پرچائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. پيار واري لهجي ۾ سمجهائڻ لڳا تہ هو مون کي ڪجهہ پين ٻارن سان گڏ هڪ ٻئي ڳوٺ ڏانهن موڪلي ڏيندا جتي هو پاڻ ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ پهچندا. اهڙيءَ طرح هنن مون کي هڪ گڏهہ تي سوار ڪيو ۽ ميرا ڪپڙا پارائي، ڪجهہ ماڻهو ساڻ ڏنا، جن کي دهل ۽ پولو ساڻ هو. اهڙيءَ طرح هوُ پويان پوڳ نڪاوَ ڪندا، کلندا ۽ مون کي وندرائيندا هلندا پئي آيا. جڏهن ڏينهن تپي ويو تہ هڪ وڻ جي ڇانوَ ۾ تي ويٺا ۽ پاڻ سان جيڪا ماني کڻنن هئائون، سا مون کي بہ کارايائون. پوءِ جڏهن ڏينهن ٿورو ٺريو تہ وري پنڌ پياسون ۽ رات جو هڪ ڳوٺ ويجهو اچي سهڙياسون. اُتي وڻن هيٺان تنبو هٽي ويهي رهيا ۽ جيڪي پوئتي رهجي ويا هئا، اُهي جڏهن اچي پهتا تہ وري اُتان تيز ڪٽي ٻئي هنڌ ڏانهن روانا ٿيا. مون کي هاڻي سمجهہ ۾ پئي آيو تہ هو هڪ هنڌ کان ٻئي ۽ ٻئي کان ٽئين هنڌ ڇو پئي ويا. هو در حقيقت پوليس کان بچڻ لاءِ ايئن ڪري رهيا هئا. پوليس هنن کي پڪڙيو هو ۽ منهنجي لاءِ تلاشي بہ ورتي هئي، پر مان نہ لڌو هوس، ان ڪري هنن کي مارڪٽ ڪري، گاريون گند ڏئي ڇڏي ڏنو هئائون. ۽ ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ هو آزاد ٿي اڳتي وڌيا هئا.“

هي واردات بيان ڪندي رمضان جوش ۾ اچي ويو. هن جي پيشانيءَ تي پگهر جا ڦڙا چٽا نظر اچي رهيا هئا، ۽ هن جي اکين ۾ پوليس لاءِ نفرت جا اولڙا نظر اچي رهيا هئا. هو حقو ڇڪڻ لڳو ۽ قصو وري شروع ڪرڻ وارو هو تہ مون وچ ۾ سوال ڪيو، ”هنن ٻاگڙين تو کي ڪهڙي مقصد لاءِ پاڻ سان کنيو هو. مون ٻڌو آهي هي ماڻهو ٻارن کي تيل ۾ پچائي کائيندا آهن. تو هنن وٽ رهندي اهڙي ڪا واردات

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اکين سان ڏني؟" .

"مان اهوئي توهان کي ٻڌائڻ وارو هئس ته مان هنن وٽ سچا سارا ٽي سال رهيس، پر سمجهي نه سگهيس ته هو ٻار ڇو چورائيندا آهن. ٽي سگهي ٿو ته هو ٻارن کي وڪڻندا هجن. پر هنن جا ٻار ڪير خريد ڪندو؟

"بهرحال، مهيني ٻن ڪانپوءِ مون کان ماءُ پيءُ، ڀينرون ۽ ڀائر وسري ويا ۽ مان به هنن جيان باگڙي ٿي ويس. هو منهنجا وارث ۽ هنن جا ٻار منهنجا دوست بڻجي ويا. اسان هڪ کان ٻي جاءِ تي رولاڪن وانگي گهمندا رهياسون ۽ ان رولاڪي ۾ مون کي ڏاڍو مزو ايندو هو. گڏهه جي سواري، نوان نوان ڳوٺ ۽ واهڻ، نوان ماڻهو مختلف تجربا مون کي موهڻ لڳا. هنن جوکاڏو ۽ گندگيءَ واري رهڻي کهڻي هاڻي مون ياڻءِ پئجي وئي هئي. انهن شين جي مان پرواهه نه ڪندو هوس ۽ هنن سان گڏ پنڻ ويندو هوس ۽ ماڻهن کي ٻولڙيءَ جا ڪرتب ڏيکاريندو هوس. هلندي گهمندي جڏهن ڪا ماءُ اسان جي ڏپ وچان، سٽ ڏيئي پنهنجي ٻار کي ڪٽي سيني سان لائي سوگهو ڪندي هئي، ته ان وقت مون کي پنهنجي ماءُ ياد ايندي هئي ۽ ڪڏهن ڪڏهن رُلندي ٻنندي ڪنهن مائيءَ کي ڏسي ٻلجي پوندو هوس ته ڇڻ اُها منهنجي ماءُ آهي. پر اُهو سيڪجهه هڪ لمحي جو کيل هوندو هو. مان هنن سان رهندي ڏاڍو خوش هوندو هوس ۽ هنن وٽان بانسري وڄائڻ به سکي ويو هوس. . . . "

"اسان کي ته تو ڪڏهن به نه ٻڌايو آهي نه ڪو تو کي بانسري به وڄائڻ ايندي آهي؟ تو وٽ ته هن وقت ڪا بين به ڪانهي." مون عجب وچان سوال ڪيو.

"اها ڳالهه مان اوهان کي پوءِ ٻڌائيندس. مون وچن ڪري ڇڏيو آهي ته مان ڪڏهن به بانسريءَ کي هٿ نه لائيندس." هن ڪنندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وراڻيو ۽ مال جي واڙي جو پيو دفعو چڪر ڏيڻ لاءِ اُتي ڪڙو ٿيو.

مان رمضان جي عجب جهڙي جيون ڪٿا تي ويهي سوچڻ لڳس. حياتيءَ جا ڪيڏا نہ لاها چاڙها ڏٺا آهن هن شخص. هن جي ٻاجوڪڙ واري ڪردار تي چڻ تہ ويساهہ ئي نہ پيو اچي ۽ وري اُها ڪيڏي نہ عجيب ڳالهہ آهي تہ هو ڪنهن سان وچن ڪري ويٺو آهي تہ هاڻي هو وري بانسري نہ وڄائيندو. آهي سيئي خيال ۽ پنهنجي ٻالپڻيءَ جون ڪيئي يادگيريون منهنجي ذهن ۾ ڦيريون پائڻ لڳيون. مون سوچيو، رمضان واقعي حياتيءَ کي ماڻي گذاريو آهي ۽ منهنجي ذهن تي تري اچڻ لڳا عڪس: ڇهچ سايون ڀنيون، ڪڪاوان ڳوٺڙا، شهر، نديون ۽ ٽڪريون، جن تان رمضان گڏهہ جهڙي ننڍڙي جانور تي چڙهي گذريو هوندو. اُهو سوچيندي منهنجي من ۾ هڪ آس ڦٽي پئي، جنهن سان هميشہ منهنجين اکين ۾ ڳوڙها تري ايندا آهن، نہ تہ جيڪر ڪنهن پيار جي پريءَ کي ڇيچ مان وٺي ٻاروتڻ جون ٻوليون ڪندو، ٽهڪڙا ڏيندو، گڏِ گڏ ٽيندو، ٽپندو ڪڏندو، پري پري ڳوٺڙن، شهرن، پهاڙين، جبلن ۽ وادين مٿان هلندو وڃان، اڏامندو وڃان، پري، اڃان پري.

مان اڃان خيالن ۾ ئي گم هوس تہ رمضان واپس اچي سهڙيو ۽ پنهنجي ڪٿا شروع ڪري ڏنائين: ”سو سائين، اهڙيءَ طرح مان هنن سان خوشيءَ وچان ٽي سال ڪن گذر هيس. ليڪي لٽي آهي رول ماڻهو مونسان سٺو هليا، پر ڪڏهن ڪڏهن چڙٻيندا بہ هئا. باگڙين جي ڪئمپ ۾ جيڪي ٻہ ڇوڪرا هونداهئا، مان انهن کان عمر ۾ وڏو هوس، ان ڪري منهنجو هر حڪم فرمانبرداريءَ سان مڃيو ويندو هو. مان هنن جي اڳيان ٽي هلندو هوس ۽ باغن مان ميوا چورائي ايندا هئاسون، ڪنگڻ جا ٻچا ڪٽي ايندا هئا سون، ٻينل فصلن مان ان ٽڳائي وٺندا هئاسون ۽ اهڙين ڪاروائين مان سيني کان وڌيڪ جوکم مان ڪندو هوس ۽ پاڻ کي ڏاڍو خوش محسوس ڪندو هوس.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قصي جي ان مرحلي تي پهچي رمضان هڪ وڏو ٿڌو ساهه کنيو ۽ حقي مان تڪڙا تڪڙا ٻُرڪا ڪڍڻ لڳو. پر چلم جو تماڪ سڙي چڪو هو. سو ان کي پاسي ڪري وڏي اتساهه سان وري پنهنجي ڪهاڻي ٻڌائڻ لڳو:

”پر نيٺ اُهو وقت اچي ويو. جڏهن منهنجي زندگيءَ ۾ ڦيرو آيو. اسان شاهوڪار ماڻهن جي هڪ بستيءَ ۾ اچي لڏو لاٿو. بستيءَ مان خوشحال پار. پولڙيءَ جو ناچ ڏسڻ لاءِ ۽ نانگ جي لهر ڏسڻ لاءِ يا بين تي ڌن ٻڌڻ لاءِ اسان ڏي ان ڪٺي ايندا هئا. هڪ دفعي انهن پارن سان هڪ ننڍڙي موهيندڙ نينگري به هلي آئي. ۽ پوءِ اُها خوبصورت ڇوڪري روزانو منجهند جي ماني ڪائي، ڪڏهن هڪ به مانيون ڪٺي، ڪڏهن انب ۽ ڪڏهن پاپڙ ڪٺي اسان وٽ اچڻ لڳي. مان هن کي پولڙيءَ جون چالون ڏيکاريندو هوس ته هوءَ معصوم ۽ من موهڻي ڇوڪري اچي ٽهڪن ۾ پوندي هئي. ايترو کلندي هئي جو هن جي اکين مان ڳوڙها وهي هلنداهئا. مون کي ان سهڻي ڇوڪريءَ جي موهت ماري وڌو. مان هن آڏو پوليءَ کي دير تائين نچائيندو هوس ۽ دل کوني بانسري وڄائيندو هوس. پر ظاهر آهي هن تي منهنجي بانسريءَ جي سُرن جو ڪو خاص اثر ڪونه ٿيندو هو ۽ اڪثر ڪري سٽ ڏئي مون ڪان بانسري کسي هوءَ پاڻ وَڄائڻ لڳندي هئي ۽ ڦوڪون ڏئي بانسريءَ مان بي سُريون ڏيلون ڪڍندي رهندي هئي.

”هڪ ڏينهن هوءَ مون ڏي مٺي ماني ۽ ناريل جو ٽڪرو ڪٺي آئي ۽ اهڙي نموني لڪائي اچي مون کي ڏنائين، جيئن مون سان گڏ ٻيا ڇوڪرا ان مان ڪائي نه سگهن. پوءِ بانسري ۽ پولڙيءَ سان گڏ هوءَ مون کي پر واري ٻنيءَ ۾ وٺي وئي، جتي مان هن آڏو پولڙي به نچائي ۽ بانسري به ڀرپور طريقي سان وڄائي. هوءَ اجان به منهنجي پڇهو سري آئي ۽ پنهنجي ننڍڙي ٻانهن منهنجي ڪلهن تي ورائي، ڏاڍي گهُور وجان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بانسريءَ تي هلندڙ منهنجين آڱرين ڏانهن نهاري رهي هئي ۽ سُرن واري ڌن کي غور سان ٻڌي، ڳڊ ڳڊ تي ٺهڪ ڏئي رهي هئي. جڏهن مان ٻين وڄائي بس ڪئي تہ هن سٽ ڏئي ٻين مون ڪان ڪسي ورتي ۽ چيو تہ 'رمو، تون ٻين ٻارن آڏو ٻين جو وڄائيندو آهين. هيءَ ٻين منهنجي آهي. مان وچي تي سيني ٻارن کي چيڙايان تہ رمون رکو هاڻي منهنجي آڏو ٻين وڄائيندو توهان هاڻي هن جي بانسري ٻڌي نہ سگهندؤ.'

"۽ مان هن سان وچن ڪري ڇڏيو تہ مان ٻين ٻارن کي هاڻي بانسري وڄائي نہ ڏيکاريندس. اهڙيءَ طرح خوش ٿي هوءَ هلي وئي ۽ شام جو ڪوڙ ٻار وني آئي. جن کي مون جواب ڏئي ڇڏيو تہ مان توهان جي آڏو ٻين نہ وڄائيندس. ان تي ٻار ڏاڍو دکي ٿيا. ڇاڪاڻ تہ هو بانسريءَ ۽ مون کي ڏاڍو چاهہ سان ڏسندا هئا. بحرحال هوءَ موهڻي نينگري ٻين ٻارن کي دکي ڏسي ڏاڍو سرهي ٿي ۽ خوشيءَ وچان نچڻ لڳي.

"نينگريءَ سان منهنجي گهرائپ ڏسي، منهنجي خانہ بدوش مالڪن کي هڪ سٽا سُجهي آئي. هنن مون کي چيو تہ تون هن ڇوڪريءَ کي رپيائي اسانجي تنبن ڏي وني آءُ. اسان يڪدم لڏو ڪٽي روانا ٿينداسون ۽ اهڙيءَ طرح هن ڇوڪريءَ کي بہ ڪٽي هلنداسون.

"اج تائين تہ مان ٻارن چورائيندڙن هنن رولاڪن وحشين جي هر ناپاڪ حرڪت کي خوشيءَ سان قبول ڪندو آيو هوس، پر جڏهن ڇوڪريءَ کي ڪٽڻ جي ڳالهہ ٿي تہ منهنجي اندر ۾ هنن لاءِ نفرت ٻڙڪا ڪائي ٻاهر نڪري پئي ۽ مون پنهنجي زندگيءَ ۾ هڪ دفعو وري فيصلو ڪيو تہ هتان بہ ڀڄي نڪران. هن من موهڻي ڇوڪري سان ناتو ٽڪائڻ ڪانپوءِ پهريون دفعو مون کي پنهنجن مالڪن جي ڌنڌي ۾ [illegible] ۽ بُڇان محسوس ٿيڻ لڳي. خبر ناهي پنڻ جي پورهئي مان [illegible] ڪمائيءَ مان پيٽ پالڻ واري پيشي ڪان نفرت مون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ ڪيئن پيدا ٿي. پر مان بگڙجي ويس ۽ اهڙيءَ طرح مون کي پنهنجي آوسي پاسي کان، پنهنجن لڱڙين وارن لٽن کان، ٻين تي پاڙڻ واريءَ پاڙيتو حياتيءَ ۽ سُڪي نوٽ تي ويل مانيءَ جي ٽڪر ڳين کان آت اچڻ لڳا. مون کي پنهنجو ٻالپڻو ياد اچڻ لڳو. ڪيئن نه امڙ شيون وٺي ڪارائيندي هئي ۽ بابو رانديڪا آڻي ڏيندو هو. ڪيئن نه صاف سٿرا ڪپڙا پائي تجلا ڏيندو مان اسڪول ويندو هوس. هن ننڍڙي ڇوڪريءَ جي ساءَ ۽ سهڻ مون ۾ عزت نفس جو جذبو پيدا ڪري ڇڏيو ۽ مون سوچي ڇڏيو ته جيابي لاءِ مون کي پاڻ کي ڪجهه نه ڪجهه ڪمائڻ گهرجي. اهڙيءَ طرح مان خواب ڏسڻ لڳس ته مان ڏاڍو ايماندار ۽ سٺو ماڻهو بڻجي ويو آهيان ۽ هن من موهڻي نينگريءَ لاءِ هڪ خوبصورت رانديڪو وٺي آيو آهيان. ۽ هوءَ ڪيڏي نه خوش ٿي اُهي اُهو رانديڪو وٺي. پر جڏهن سجاڳ ٿيندو هوس ته خواب اُڏامي ويندا هئا ۽ مان پاڻ کي بدبودار ليڙن جي پوشاڪ ۾ پساهه کڻندو محسوس ڪندو هوس. اهڙيءَ طرح مان ڏاڍو پريشان رهڻ لڳس ۽ ڪلاڪن جا ڪلاڪ پنهنجي رحم جوڳي حالت تي ويهي سوچيندو هوس ۽ پوءِ سونهن ۽ معصوميت سان سينگارجي اُها ڇوڪري مرڪندي ۽ ٽهڪ ڏيندي منهنجي لاءِ سوڪڙيون پاڪڙيون کڻي ايندي هئي. گهڙيءَ کن لاءِ منهنجي اونداهي جيون کي اجاري هلي ويندي هئي ۽ مون کي اڳي کان اڳرو اُداس ڪري ويندي هئي.

”مون کان هيءَ حياتي هاڻي گهارڻ نه ٿيندي، مون سوچيو ۽ فيصلو ڪري ڇڏيو ته هاڻي جڏهن پاڳڙي هتان لڏو کڻي ٻئي هنڌ ڏانهن روانا ٿيندا، تڏهن مان ڪجهه ڏينهن لاءِ لڪي ويندس ۽ پوءِ وري هن ئي ڳوٺ ڏانهن موٽي اچي ڪا مزدوري ڪندس. . . سو ذهني ڇڪتاڻ جي انهيءَ مرحلي تي آخر ڪار خانه بدوش مالڪن جي ان شيطاني تجويز جو صدمو پهچڻو پيو، جڏهن هنن چيو ته، اڄ ته هن ڇوڪريءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي چورائي ڪٿي هلون. ان تي مون هڪدم انڪار ڪيو ۽ باگڙين ڪي ڌمڪي ڏني ته جيڪڏهن هنن اهو ڪڏو ڪم ڪيو ته مان هن ڇوڪريءَ جي مالڪن کي وڃي اطلاع ڪندس. مون ڏنو ته مون واري بغاوت هنن کي ڏهڪائي ڇڏيو هو ۽ ان ڪان پوءِ هو جلد ڪان جلد اُهو ڳوٺ ڇڏڻ لاءِ تيار ٿي ويا. سو هڪڙي ڏينهن ڏکيءَ جو هنن چپ چپات ۾ لڏو ڪنيو ۽ هلڻ هارا ٿيا ته مون ڪنهن ڪم جو بهانوڪري هنن کي چيو ته توهان هلو ته مان توهان جي پٺيان اچي ٿو توهان کي پهچان. اهڙيءَ طرح مان پنهنجي اٽڪل ۾ ڪامياب ٿي ويس ۽ خانه بدوشن ڪان جان ڇڏائي ويس."

ائين چئي رمضان چپ ٿي ويو ۽ بي خبريءَ جي عالم ۾ چلم ڇڪڻ لاءِ هٿوراڙيون ڏيڻ لڳو. پر حقو سڙي ويو هو، سو اُٿي وڃي پنهنجي رهڻ واري ڪوٺيءَ مان بيڙيون ڪٿي آيو. هڪ بيڙي دکائي هو وري شروع ٿي ويو:

"سو سائين، ڪجهه ڏينهنِ ڪان پوءِ مان ساڳئي ڳوٺ ۾ موٽي آيس ۽ ڪم ڪار هٿ ڪرڻ لاءِ رلندو رهيس. ان وچ ۾ من موهٽي ڇوڪريءَ سان ملاقات ٿي. تنهن سوالن جو وسڪارو لائي ڏنو، هي خانه بدوش باگڙي ڪاڏي هليا ويا. تون ايترا ڏينهن ڪٿي هُئين. منهنجي پولڙي ڪٿي آهي؟ بانسري ڪٿي آهي؟"

"مان هن کي سربستو حال ٻڌايو ته مان ڪهڙي نموني هنن ڪان پڇي جان ڇڏائي آهي، ڇاڪاڻ جو هو توکي چورائي ڪٿي وڃڻ چاهين پيا. اهو ٻڌي نينگري گهبرائجي وئي ۽ ڏڪندي وڃي پنهنجي پيءُ کي چيائين ته ڪي ماڻهو هن کي ڪٿي وڃڻ چاهين پيا. سندس پيءُ هن جي اٿپوري ڪهاڻي چڱيءَ طرح سمجهي نه سگهيو سو هن مون کي ماڻهو موڪلي گهرائي ورتو. اهڙيءَ طرح ٽن سالن جي ٻيڄڙي ۽ گدلي حياتي گذارڻ ڪان پوءِ مان هڪ معزز خاندان ۾ داخل ٿي ويس جيڪو هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صاف ستري ۽ ڪشادي بنگلي ۾ رهندو هو. نينگريءَ جو پيءُ هڪ زميندار هو. هن مون کان منهنجي اصل نسل ۽ زندگيءَ بابت ڪيترا سوال ڪيا ۽ مونتي کهل آئي پاڻ وٽ نوڪري رکڻ جي آڇ ڪئي، جيڪا مون ڏاڍي خوشيءَ سان قبول ڪئي.

"هتي رهي مون ڏاڍي ايمانداريءَ سان اٺ سالن گذاريا. هنن جي گهر جو ياتي ٿي رهيس. جيئن مان هتي مال ٿو چاريان، تيئن هنن به مون کي مال چارڻ جي ڪم سان لڳائي ڇڏيو. مان من موهڻيءَ لاءِ جهنگلي ميوا ڪٽي ايندو هوس ۽ هن کي کير پڻ پهچائي ويندو هوس ۽ پوري پوري ڪوشش ڪندو هوس ته هر ڪم ۾ هن کي خوش رکان. هن کي بانسري وڄائي وندرائيندو هوس، اسڪول ڇڏڻ ويندو هوس ۽ هن کي ميلي ملاڪڙي توڙي ويجهڙن ڳوٺن ۾ سنڌس مائٽن تائين به وٺي ويندو هوس ۽ ڪڏهن ڪڏهن جڏهن هوءَ ضد ڪري ويهندي هئي ته هن کي ڳائي به ٻڌائيندو هو س ۽ ڳڏهه جي هينگن جهڙا آواز ڪڍي هن جي دل وندرائيندو هوس.

"وقت گذرڻ سان گڏ من موهڻي جوان ٿي رهي هئي، پر مون کي ڪا ڪل ڪانه هئي ته هوءَ معصوم نينگريءَ مان ڇوڪري ۽ پوءِ جوان عورت ۾ تبديل ٿي رهي هئي. مکڙي ٽڙي گلاب جي گل جو روپ وٺي رهي هئي پر مان هن سان پنهنجي ننڍڙيءَ ڀيڻ وانگي پيار ۽ پاٻوهه سان پيش ايندو هوس. مون کي هن سان ملڻ ۽ ڳالهائڻ جي اجازت هوندي هئي ۽ هوءَ به مون سان اڻين ئي هلندي هئي. . . پر پوءِ هڪ ڏينهن هن جي شادي ٿي وئي."

هاڻي رمضان ڪهاڻيءَ ۾ مختصر ۽ ماپيل توريل جملا استعمال ڪري رهيو هو.

"شادي ڪري هوءَ هلي وئي.مان پوئتي اڪيلو رهجي ويس. هن ڪانسواءِ مان سندس پيءُ جي گهر ۾ گهڻو رهي نه سگهيس. سڄا سارا

اٺ سال مان ان جاءِ تي ٽڪي پيو هوس. ان دوران مان ڪڏهن ٻيرپاسي واري ڪنهن ڳوٺ ۾ به وڃڻ جو نه سوچيو هو. اُتي مان فقط من موهڻيءَ جي ڪري رهيو پيو هوس. ٻيلا ڪو رولو ماڻهو ايتري وقت هڪ جاءِ تي ڪيئن ٽڪي رهي سگهي.

”هوءَ به هلي وئي. هاڻي مون کي به هليو وڃڻ گهرجي. مون سوچيو ۽ هڪ ڏينهن ان زميندار جي گهر مان به پڇي نڪتس.

”ان ڏينهن کان پوءِ مان هڪ ڳوٺ کان ٻئي ڳوٺ ۾ ڪجهه وقت نوڪري چاڪري ڪري، وري اُتان پڇي ويندو آهيان. ڪنهن هڪ جاءِ تي رهي نه سگهندو آهيان. منهنجا پير هڪ جاءِ تي نه ٽڪندا آهن.

”هاڻي مان هتي آهيان. مون کي احساس آهي ته توهان سيئي مون کي قرب ڏيو ٿا. مان به توهان کي ڏاڍو پيائيندو آهيان سو سمجهان ٿو ته هاڻي مان هتي سدائين لاءِ ٽڪي پوندس. ڪا سٺي زال هٿ ڪري، ان سان شادي ڪري هاڻي هت ئي رهي پوندس.“

رمضان هڪ ڊگهو ساهه کنيو ۽ مٿي آسمان ۾ ستارن ڏانهن گهوري ڏسي وقت جو ڪاٿو لڳائي چيائين، ”سائين، رات لڙي وئي آهي، ڪجهه ڪلاڪن کان پوءِ مون کي پنهنجي ڪم سان لڳڻو آهي.“

”رمضان ڇا تون اسان کي به ڇڏي ويندين؟ مان نٿو سمجهان ته تون هتي به ٽڪي سگهندين. تون رولاڪ پکيئڙو ٿو لڳين. تون هڪ جاءِ تي رهي نه سگهندين.“ مون چيو.

”نه سائين، مان سمجهان ٿو ته مان هتي رهي ويندس. هينئر مان ٽيٽيهن سالن جو اچي ٿيو آهيان. هاڻي مان ننڍڙو ٻار ناهيان جو پڇي وڃڻ جو سوچيان. هتي مون کي پنهنجيون مينهون ۽ ڍڳيون آهن. مان هنن کي جهنگ ۾ چارڻ ٿو وڃان. گابن سان رانديون ڪندو آهيان. وڻن تي چڙهندو وتندو آهيان. ڏاڪ ڪتيندو آهيان. گهر جو سمورو ڌڪيو سکيو ڪم ڪندو آهيان ۽ ڏاڍو راضي آهيان. . . . نه، مان هاڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هتان نہ ويندس. بس هاٿي دفن بہ هتڙي ٿيندس؟"

رمضان جي انهن زباني وعدن جي باوجود ڪجهہ مهينن ڪان پوءِ ڪاليج ۾ مون کي پنهنجي پيءُ کان خبر پئي تہ رمضان اوچتو الائي ڪاڏي گم ٿي ويو آهي ۽ هن جهڙو ايماندار ۽ وفادار ٻيو ڪو ڪمي ملي نٿو سگهي.

(هيءَ ڪهاڻي اصل انگريزيءَ ۾ Truant جي عنوان سان ۱۹۴۰ع ۾ شانتي نڪيتن ڪاليج جي انگريزي مئگزين لاءِ لکي هئي.)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجھہ چوڪر ھيئن بہ پيار ڪن ٿا.

”او گوپ! گوپ! اٺي! پڌ تہ سھي. . . . .“

مون اکين کولڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ پاسو ورائيندي ڪنجھيس.

”اون، اون. . . . .“

ھن منھنجي مٿي کي ھيڏي ھوڏي لوڏيندي رڙ ڪئي ”او، او پڌ تہ . . . . مان ھن سان مليس . . . .“ مون منھنجي اکين کي مھٽڻ شروع ڪيو. پوءِ ھن کي گھورڻ لڳم. مان پنھنجن نہ پتجندڙ اکين سان ڏنڌلي نموني ھن جون چمڪندڙ اکيون ۽ ٻھڪندڙ چھرو ڏٺو ھو خوشيءَ ۾ نہ ٿي ماپيو.

”ڪنھن سان ملئين.“ مان پنڪيون ڪائيندي ۽ گھرا ساھہ ڀريندي ھن کان پڇيو. . . . .

ھن ھوا ۾ ٽپا ڏنا ۽ تاڙيون وڄايون.

”چو، ھن سان. . . . . ھن سان . . . . . اھا. . . . . اھا، تون ھن کي سڃاڻين.“

مان ھٿ منھن ڌوئڻ لاءِ اٿي ويس ۽ پوءِ موٽي اچي ڪائنس ٻڌڻ ۽ آڏي پڇا ڪرڻ شروع ڪيم.

”اڇا، تہ ھاڻي مون کي ٻڌاءِ.“

ھو منھنجي وڪيلاڻي سرد مھريءَ واري انداز تي ڪجھہ حيران ٿيو. تنھن ھوندي بہ ھن ٽپو ڏنو ۽ پنھنجن ٻانھون منھنجي ڳلي جو ھار ڪيائين ۽ چمي ڏئي زور سان سڙ ٻاٽ ڪيائين. ”مان ھن سان مليس. . . . . ھن سان . . . . . ديويءَ سان.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون پاڻ ٽيو ڏئي هن کان ڇهي ورتي پوءِ اسان هڪٻئي کي ٻڪجي وياسين، ڀڪرانڀريون پائيندي، ڳل ڳلن سان ملائيندي، ڦيراٽيون ڏيندي، ياڪرن ۾ هڪٻئي کي زور ڏناسين.

هڪ منٽ کان پوءِ هن رڙ ڪئي، ”او، او مون کي ٻاهر هلي پڏ، هل تہ ٻاهر هلئون مان توکي سڀ ڪجهہ ٻڌائيندس.“

مون گهڙيال ڏانهن نظر ڪئي. سياري جي سرد رات جا ٻارهن وڄي ٽيويهہ منٽ ٿيا هئا. مان پنهنجي گرم شال ڪٽي هن جي ڪلهن تي رکي. مان وڏو اوور ڪوٽ پائيندي، ڪمري جي روشني گل ڪري ڇڏي. ٻانهن ۾ ٻانهن ڏئي پسار ڪرڻ لاءِ نڪري پياسين.

ارجن ۽ مان ٻن سالن کان ونی ساڳئي ڪمري ۾ رهندا هئاسين ۽ سنگتي هئاسين. ٻہ سال ڪو وڏو عرصو نہ آهي. پر پاڻ اهڙا جُهتَ ٿي وياسين ۽ هڪ ٻئي کي اهڙو تہ سمجهيو هئوسين، جڻ تہ اسان ننڍپڻ کان وني گڏ نپنا هئاسين. هو منهنجي زندگيءَ جي هر هڪ راز کان واقف هيو،منهنجن خيالن کان، منهنجن سوچن کان ۽ مان پڻ هن جي خيالن ۽ سوچن کان واقف هيس. هن مون کي ٻڌايو هيو تہ هو صرف ديويءَ کي چاهيندو هيو پر هو هميشہ انهيءَ ڳالهہ تي ڳت ڏيندو رهيو تہ هن ديويءَ سان پيار نہ ڪيو آهي، پر ڪيس رڳو چاهيو آهي. حقيقت اها آهي تہ ديويءَ کي ڪنهن نہ چاهيو هيو! هوءَ ناهوڪي سمجهہ پري ۽ خود مختيار هئي. آخر ڪير هن کي چاهڻ کان سواءِ رهي پئي سگهيو. ارجن عموماً زوريءَ ٻڌائيندي چوندو هيو، ”هوءَ پائوڊر پڦ کان سواءِ بہ سٺي ٿي لڳي ....“

اسان ۾ ارجن گهٽو ڪري ڳالهائڻ جو گندو هوندو هيو، پر هو، هر انهيءَ ماٺهوءَ سان اتڪي پوندو هيو، جيڪو ديوي لاءِ ڳتا لفظ استعمال ڪندو هيو. ڇوڪرين اڳيان هُو ايڏو تہ شرميلو هيو، جيئن پراڻي وقت ۾ ڇوڪريون ڇوڪرن اڳيان هونديون هيون. ڪنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇوڪريءَ سان ملڻ مهل، هن جون اکيون هيٺ ٿي ويندڙيون هيون. ڳلڙا جهڪي پوندا هئس. تيز وکون کڻڻ لڳندو هو ۽ چپن جون ڪنڊون لرزش ۾ اچي ويندڙيون هئس؛ خصوصاً جڏهن هو ديويءَ کي ڏسندو هو، هن ڪڏهن همت ئي نه ساري هئي ته ديويءَ کي منهان منهن ڏسي سگهي. هو مون کي ٻڌائيندو آهي ته رڳو هڪ دفعو هو همت ڪري ديويءَ اڳيان مشڪيو هيو ۽ موٽ ۾ ڪيس پنهنجو ڪنڌڙ ۽ کليل دل واري مرڪ ملي هئي. هن مون کي يقين ڏياريو هيو ته ”رڳو انهي هڪ مرڪ لاءِ، مان هن جو هميشه ٿورائتو رهندس.“ ۽ انهيءَ مرڪ جي تصور ئي هن کي جڪڙيو هيو. جيئن پوءِ تيئن هو ڪجهه گم سم ۽ منجهيل محسوس ٿي رهيو هو. ڪڏهن ته ساهيون ٻٽيندي ڪم ڪندو هيو ۽ ڪڏهن ته ڪلاڪن جا ڪلاڪ شيطان وانگر ڪم ۾ جنبي ويندو هيو. ڪڏهن ته ڏينهن ۾ اجايا وڃائي ڇڏيندو هيو. هو پنهنجي اڳيان ڪتاب رکي خوامخواه گهوريندو رهندو هيو. ڪنهن وقت ته ڳوڙها سندس اکڙين جي پڇڙين ۾ تري ايندا هئا ۽ ڪنهن وقت سقراطي انداز ۾ مرڪندو رهندو هيو. هن مون کي پنهنجو راز نه پئي ٻڌائڻ چاهيو پر مون هن جي اندر جي آنڌ مانڌ کي پلي پيٽ ڄاتو پئي.

اڄ رات، خاموشيءَ ڪان پوءِ، اوچتو طوفان آيو. هوا منهنجي ڪمن ۾ زوڪاٽ ڪرڻ لڳي. سرديءَ جي ڪري، مون وڏي ڪوشش سان ڏند پڪوڙي ڇڏيا هئا ۽ انهيءَ دوران مون هن کي پنهنجي هٽڻ جي اجازت ڏني.

”مون هن کي خط ڏنو هو. انهيءَ ڏينهن تي هن سان ڪاليج جي ميوزيم ۾ مليو هيم ۽ اتي ئي ڪيس خط ڏنو هوم. مان جواب جو انتظار ڪري رهيو هيس... توکي خبر آ ته مان امتحان لاءِ تياري نٿو ڪري سگهان ۽ ان جو اعتراف ڪيان ٿو....“

اڄ هن باغيچي ۾ مون کي سڏايو هو. هن چيو ته تون ايترو

شرميلو ڇو آهين؟ مان تنهنجي ساٿياڻي ٿيندس. مان تو کي ان ڪان وڌيڪ ٿي چاهيان، جيترو تون پنهنجو پاڻ کي چاهين ٿو... مون کي اميد آهي تہ تون پڻ مون کي سمجهي سگهندين.... هوءِ ائين چئي مرڪي پئي. اها ساڳي مرڪ، جيڪا مون کي چريو ڪري ٿي. مان بيٺو رهيس. منهنجون اکيون ڳوڙهن ۾ تر ۽ منهنجا چپ مرڪ سان گڏ ڦڙڪڻ لڳا. منهنجن ٻانهن ۾ جنبش اچي وئي. مان هن کي ڪٺي، پنهنجي ڇاتيءَ سان لڳائڻ پئي چاهيو، چمڻ پئي چاهيو، ٻڌائڻ پئي چاهيو تہ مون ڪيڏو نہ سٺو آهي ۽ رنو آهيان هن لاءِ. مون هن کي ٻڌائڻ پئي چاهيو تہ هوءِ منهنجي ساٿياڻي، منهنجي اپسرا آ، محبوبہ آ، پر مان ائين چئي نہ سگهيس." هن جون اکيون جيڪي ڪجهہ گهڙيون اڳ خوشيءَ ۾ چمڪي رهيون هيون، ڳوڙهن سان تر ٿي ويون. هن جا چپ ڏڪڻ لڳا. ارجن ڪڏهن پنهنجو پاڻ کي ايتري حد تائين جذباتي ڪري ڇڏيندو آهي.

اسان روڊ پرسان ٻئنچ تي ويهي رهياسين، وڻن سان هوا جي ٽڪرائجڻ جا آواز اچي رهيا هئا. ۽ ڏامر واري روڊ تي بجليءَ چمڪا پئي ڏنا. مان خيالن ئي خيالن ۾ گم ٿي ويو هوس. "مان بہ ڪنهن کي پيار ڪيو آ!؟... "نيٺ ارجن مون کي لوڏو ڏنو ۽ منهنجي خيالن جو تسلسل ٽٽي پيو. جڏهن هن چيو "اٺ بيوقوف، مان ڳالهائي رهيو آهيان ۽ تون سمهيو پيو آهين. اٺ تہ هلون... هتي ڏاڍي ٿڌ آهي." مان هن جي چپن تي سقراط واري مرڪ ڏٺي. ٻانهون ٻانهن ۾ وجهي اسان ٻئي موٽياسين ۽ سمهي پياسين.

پر امتحان ڪنهن جو انتظار ڪو نہ ڪندا آهن، ويندي عاشقن جو بہ نہ. انٽرميڊيٽ جو امتحان چڱو خاصو ڏکيو معاملو آهي. اهي گهڙيون جيڪي ارجن کي پنهنجي ڪتابن سان گهارڻ گهربيون هيون، هن اهي تصوراتي ڪوٺائون لکندي وڃائي ڇڏيون. جن ۾ ذڪر هيو وڻن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳراٽڙيون پائيندڙ لامن ۽ تارين جو. ٽٽڪندڙ ڪبوترن جي جوڙن جو. هوا ۾ ترندڙ ڪڪرن کي هڪ ٻئي جي سنيها ڏيڻ جو. مان هن کي جڏهن پڙهڻ جي تاڪيد ڪندو هيس ته جذبات ۾ وڪڻ لڳندو هو. ”مان انهن غير دلچسپ ڪتابن کي پڙهي پنهنجي آتما کي به مارڻ نٿو چاهيان.“ ڪڏهن ته هو ڏاڍو مايوس لڳندو هيو ۽ پنهنجو پاڻ تي جبر ڪري پڙهڻ ويهندو هو. پر گهٽي وقت تائين نه پڙهندو هيو. نوٽ بوڪن، پينسلن ۽ رومال مان ڇڻ ڪڪ تي پوندو هيو ۽ پنهنجي پڙهڻ واري ٽيبل تي پيل شين کي، اجايو سجايو هيڏي هوڏي ڪندو رهندو هيو. يا وري اوچتو ئي اوچتو ٻاهر نڪري ويندو هيو ۽ ڇئن پنجن ڪلاڪن کان پوءِ موٽ ڪندو هو.

امتحان جي تياريءَ جون موڪلون ملي چڪيون هيون. ان ڪري هو ديويءَ کي نه ٻئي ڏسي سگهيو. جڏهن ته هوءَ ڏاڍي محنت ڪري رهي هئي پر هن جي حالت ڪنهن پڃري ۾ قاتل شينهن جهڙي هئي. هو رات جو دير سان ٿڪل، ڏڪارو ۽ بيڙي حالت ۾ موٽندو هيو. هو سمهڻ وقت لتا منائڻ ۽ جوتن لاهڻ جي تڪليف به ڪو نه ڪندو هيو. انهيءَ سبب مان هن جي باري ۾ پريشان رهڻ لڳس. مان هن کي چاهيندو هيس ته وڏي همٿ وارو آهي، پر هاڻي هن سان ڪهڙو طريقو اختيار ڪجي؟ هو پڻ امتحانن، جي باري ۾ فڪر مند هوندو هيو، پر ”مان ڇا ٿو ڪري سگهان.“ هو چوندو هيو.

امتحانن ۾ باقي هڪ هفتو بچيو هيو. ظاهر ۾ ارجن ڪنهن شيطان وانگر محنت ڀئي ڪئي. هو رات جو ٻين وڳي تائين وينو رهندو هيو ۽ پڻ سڄو ڏينهن پڙهڻ ڪري ٿڪل رهندو هيو.

”مون کي پنهنجو ڪم ختم ڪرڻ گهرجي... اهڙي پيار کي ٻاهر ڏجي، اهڙو پيار ڏئي به ڇا ٿو سگهي... زندگي ڪنهن وڏي مقصد لاءِ هوندي آهي.“ ان هوندي به مون ڇاتو پئي ته محنت ڪرڻ سان گڏوگڏ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو پيڙا ۾ پوڙهي رهيو آهي. هن کي پهرن جا پهر مون خالي نظرن سان گهوريندي ڏٺو هو. هن جي اکين جي چوڌاري ڪارا نشان نهي ويا هئا. هن ڪيترن ڏينهن کان وني ڏاڙهي به نه ناهي هئي. تمام گهڻ ڪائڻ لڳو هو. ان ڪري مون هن کي خبردار ڪيو. "تون پنهنجو پاڻ کي ماري رهيو آهين. جهڙي پوندين... خيال ڪر."

"نه مان پاڻ کي امتحانن کان پوءِ ٺيڪ ٺاڪ ڪري وٺندس تون ڳڻتي نه ڪر...."

امتحانن کان چار ڏهاڙا اڳ، مون سوير اٿيندي ارجن جو بسترو خالي ڏٺو، هو اڃان تائين پڙهي رهيو هو. مان هن جي ڪلهي تي هٿ رکيو ۽ محسوس ٿيو ته هو ڪنهن بت جيان آڪڙجي ويو هو. آڪسفورڊ جي ڊڪشنري هن جي اڳيان پئي هئي ۽ هو پٽڪي رهيو هو. هن جي پرسان منطق جي ڪلاس دوران ورتل منهنجا لکيل نوٽ پيا هئا، جن ۾ بيان جي فطرت تي بحث ٿيل هو. "عورت هڪ عجيب ۽ غير منطقي مخلوق آهي... اها هڪ غلط وصف آهي.. ظاهر ۾ هن ڊڪشنري کولي لفظ "عورت" جي معنيٰ پئي ڏني ۽ چپن ۾ پڻ پڻ ڪيائين ته ، "عورت هڪ معصوم ۽ غير منطقي مخلوق آهي، "عورت هڪ بالغ (انساني) مونث آهي" ..... مان ڊجي ويس ته هو چريو ٿي پيو آهي. "ارجن، ارجن...." مان هن کي لوڏيو. هن مون ڏانهن ڏٺو، هن جون اکيون آليون هيون، جن ۾ نماڻائيءَ جي جهلڪ هئي. "ارجن، هلي آ ته مان توکي بستري تي سمهاريان..." هو ڪنهن ٻار وانگر اٿيو ۽ مان هن کي بستر ڏانهن وٺي ويس. آلي ٽوال سان هن جو جسم اگهي ڪيس ڌوتل ڪپڙا ڏنم ۽ پوءِ هن کي بستري تي سمهاري ڇڏيم. مان هن کي ٿڦڪيون هڻندو ۽ سندس وارن ۾ آڱريون گهمائيندو رهيس. هن آرام محسوس ڪيو ۽ ڪيس گهري ننڊ وٺي وئي. جڏهن پين وڳي مان پنهنجي دوست جي گهر کان ٿيندي موٽيس، ڏٺم ته در

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪليو پيو هو. ارجن ڪمري ۾ نہ هيو. مان ٻاهر نڪتس. ٽن ڪلاڪن جي ڳولا ڪان پوءِ ۽ مون هن کي پبلڪ پارڪ ۾ وينل ڏٺو. جنهن لاءِ هو مون کي اڳ ئي ٻڌائي چڪو هيو تہ هو ديويءَ سان اتي ئي مليو هو. بئنچ تي ويٺي سامهون چنبيليءَ جي سفيد گلن کي گهوري رهيو هو. مان هن جي پٺيءَ واري پاسي کان وجي، پنهنجي هٿن سان هن جون اکيون بند ڪيون. هو ڀهريائي پوءِ ۾ سهمجي ويو ۽ پوءِ سيڪنڊ ۾ مان ڪيس ڦهلجندي محسوس ڪيو. "ديوي! ديوي! هن آهستيءَ سان چيو مان انهيءَ تي ڪيس دٻ پٽي "ديوي! ديوي! سدائين ديويءَ لاءِ سار. تو ان ۾ لذو چاهي..." مون ڪيس چيڙائيندي چيو. هو ڦڪي کل کليو ۽ چيائين تہ "هائو هن ۾ آهي بہ ڇا"؟ مان هن جي خيال متاثڻ لاءِ ڪيس ليڪچر هال ۾ وٺي ويس. هن انهيءَ ۾ ڪا خاص دلچسپي نہ ورتي ۽ نہ وري ناپسنديدگيءَ جو اظهار ڪيائين. ليڪچر ڪان پوءِ هن ارادو ڏيکاريو تہ ٻاڻ کي "پاريسان" هوٽل هلي جيلي کائڻ گهرجي. مان هن کي اهڙي موڊ ۾ ڏسي ڏاڍو خوش ٿيس. سڄي شام هو ٻڻ ڏاڍو خوش رهيو.

نائين وڳي اسين واپس ٿياسين. مان هن جي بيزار نظرن مان اندازو لڳائي ورتو تہ هو ٿيبل ڏانهن ڏسڻ کان لنوائي رهيو آهي. جتي ڪتابن جا ڍڳ لڳا پيا هئا. هن خاموشيءَ سان ڊريس تبديل ڪئي ۽ وڃي ننڊ ڪيائين. هن جي سمهڻ جي پڪ ڪري مان پڻ سمهي پيس اڌ رات جو اوچتو جڏهن مون کي جاڳ ٿي تہ مون پنهنجي پير واري کٽ ڏانهن نهاريو. مون ڏٺو تہ هو چنگهن تي ڪمبل رکي، سڏڪا ڀري روئي رهيو هو.

مان هن کي آٿت ڏيڻ لاءِ پنهنجا هٿ هن جي چهري تي آهستگيءَ سان گهمايا. اهو نہ ڄاڻندي تہ هن کي ڪهڙن لفظن سان سرچايان. هن منهنجي ڇاتيءَ ۾ منهن هٽي روئڻ شروع ڪيو. "مون هڪ ٻرو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خواب ڏنو" هو وري سڏڪن ۾ پئجي ويو. مون اهو ڏيکارڻ لاءِ ته مان متانهس ڪاوڙيل آهيان، چوڻ شروع ڪيو "تون نسورو احمق آهين جو بري خواب ڏسڻ تي تو روئين... هڪ نوجوان لاءِ اها نئين ڳالهه ناهي." هو ڊنل هيو. تڪڙا تڪڙا ساهه کڻي رهيو هيو ۽ پوءِ پنهنجو متو منهنجي ستر تي رکي ڇڏيائين، جڏهن هن کي ننڊ وٺي وئي ته مان پنهنجي چنگهن کي آرام ڏنو. ٻيو سڄو ڏينهن هن خوشيءَ ۾ هر ڪم پئي ڪيو، سيٽيون وڄائيائين ۽ جهونگاريائين.

رات جو ڏهين وڳي اسين سمهياسين. صبح سويري مون ڏاڍي ٿڌ محسوس ڪئي. مون ڪوشش ڪئي ته جيڪو ڪجهه به ويڙهڻ لاءِ بستري ته موجود هيو، ويڙهي ڇڏيو. پر پوءِ به مان ٿڙڪي رهيو هيس. مون سوڙ مان منڊي ڪڍي ٻاهر نگاهه ڊوڙائي ته ڪمري جو دروازو کليل هيو ۽ ٿڌي هوا ان مان تيزيءَ سان داخل ٿي رهي هئي. مان هڪدم بستري تان اٿيس ۽ ڏٺم ته ارجن جو بسترو خالي هيو. ڪجهه گهڙيون مان حيران ۽ پريشان ٿي ويس. پوءِ مان جڏهن پنهنجي هوش ۽ حواس ۾ آيس ۽ ڪليءَ مان هڪدم وڏو ڪوٽ لاٿم ۽ پنهنجن ڪلهن تي رکي ٻاهر ڀڳس. ٽپ - ٽپ - ٽپ - مون اهو نه پئي ڄاتو ته مان ڪيڏانهن ڀڄي رهيو آهيان، پوءِ اوچتو ئي اوچتو پبلڪ پارڪ جي ڦرنڊز لوهي گيٽ منجهان گذري ويس. مڙندي مان اندر داخل ٿيس ۽ سڌو انهيءَ بئنچ ڏانهن ڀڳس، جتي ان ڏهاڙي مون هن کي ڏٺو هو. هو ڪروندڙو ٿي ويٺو هو ۽ سڄو ماڪ ۾ پنو پيو هو. مون پنهنجو وڏو ڪوٽ هن جي متان وڌو ۽ هن کي پنهنجي ڪلهي تي کڻي پٽي ڀڳس. مون اهو به چڱيءَ طرح نه پئي ڄاتو ته مان ڪيترو بار پنهنجن ڪلهن تي کنيو آهي ۽ ڪيترو پنڌ ڪيو اٿم.

ڊاڪٽر صبح جو پهتو. "ڊبل نمونيا...." منهنجي پيرن هيٺان زمين کسڪي وئي. پنهنجي پڙهائي، ارجن جي باري ۾ مسلسل پريشاني ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راتين جي اوجاڳي ڪري مان پاڻ بہ ڏاڍو ڪمزور ٿي ويو هوس ۽ بخار ۾ ورتجي ويو هوس. ارجن جو ڪيس تہ ڏاڍو خطرناڪ ٿي ويو. هن کي سول اسپتال اماڻيو ويو هو...

ڊاڪٽرن مون کي ٻڌايو تہ مان ڪيترن ڏينهن کان وٺي تيز بخار ۾ مبتلا رهيس. مون کي ٻڌايو ويو هيو تہ ارجن خطري کان ٻاهر هيو ۽ هو سگهو ٺيڪ ٿيندو ٿي ويو!

پر جڏهن مان چڱو ڀلو ٿيس تہ مون کي اصلي حقيقت جي ڄاڻ پئجي وئي.... ۽ ... هو مري چڪو هو!

(هيءَ ڪهاڻي اصل انگريزي ۾ The ways some boys love جي عنوان سان نومبر- ڊسمبر ١٩٤٠ع شانتينڪيتن وشو ڀارتي ڪاليج مئگزين واليوم ١١نمبر (٦.٥) ۾ ڇپي ۽ اتان ترجمون ڪئي ويئي.)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آکيري جو تنڻ

اهو ڏينهن خالي ڪونهي جڏهن اخبار ۾ ڪنهن نہ ڪنهن هنڌ ڌاڙي، قرلت يا خون جي خبر نہ ٿي اچي. جتي ڪٿي خوف ۽ هراس ڇانيل آهي. ڳوٺڙي ۾ هڪ ئي اخبار ايندڙ آهي ۽ جڏهن اها اچي تڏهن سڀ ننڍا وڏا اچيو انهيءَ تي جهٽن ۽ هٿ ڪس شروع ٿيو وڃي. آخر هڪ چٽو زور سان پڙهيائين ڌاڙيلن جو احوال پڙهندو پوءِ جنگ جو احوال پڙهندو. ننڍا پاڻ ۾ بحث شروع ڪندا ۽ وڏا "ايشور تون ننگ رکجانءِ" چئي اٿي ڪڙا ٿيندا. سارو ڏينهن اهي ئي ڳالهيون ٿينديون رهن پر ڳوناٽا ڪو پوتو پارين سو خير. سڀ ايشور تي ڇڏيو ڏين.

پر هيءَ بي پرواهي گهٽا ڏينهن ڪونہ هلي. اوچتو هڪ ڏينهن صبوح جو افواهہ ڦهلجي ويو تہ مراد واهڻ ۾ رات جو ڌاڙو لڳو آهي. مراد جو واهڻ ڳوٺ کان سڏ پنڌ تي هو. ڳوٺ ۾ هلچل مچي ويئي. ڪو ڪا خبر ڪنيو اچي ڪو ڪهڙي. چي، "چور مراد جي واهڻ تي ڪونہ آيا هئا اسانجي ڳوٺ تي آيا هئا پلجي وجي اوڏي نڪتا." چي، "چورن بخت واڻيي کان پڇيو تہ هي ڳوٺ ڪهڙو؟ تہ هن جڏهن چيو تہ مراد جو واهڻ تہ چورن چيو "اسانجي رات اجائي وئي. هن سڄي ڳوٺ ۾ اچي پياسين." چي، هڪ چور پڇيو تہ خيرپور جو ڳوٺ ڪاٿي؟" هر ڪنهن ڪچ ٻڌايو ۽ ان ۾ مرچ مصالح ملائي هڪ ڇهري آکاڻي هرڪو ٻئي کي ٻڌائڻ لڳو. نيٺ ڳوٺ جي زميندار بہ ماڻهو سيڙائي موڪليا جي وڃي مراد جي واهڻ وارن کان سارو احوال وٺي آيا. چوري گهٽي ڪانہ ڪيل هئي. ڪل ڏهہ ڌاڙيل آيل هئا پر دشمني چڪائڻ لاءِ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳوٺ کچرپور ۾ خوف ڇانئجي ويو. سڀ پنهنجي ساهہ پٺيان ڊڄڻ لڳا. سيٺي جي وات ۾ هڪ ئي لفظ هو "لڏڻ." "نيٺ اسانجو بہ وارو ايندو. ڪا گهڙي نہ گهڙيءَ جهڙي اسانجو دشمنو تہ ڪنهن سان ڪونهي پر چورن مان اهي اڳيان افعال ئي نڪري ويا. جي ڪجهہ ٿي پيو تہ سڀ ٽڪون لعنتون هڻندا تہ "پهريائين نہ عقل ڪان ڪم ورتوَ. پاڻ ڦرايوَ عزت بہ وڃايوَ."

رات جو پنڄ ڳڏ ٿيا. ڳوٺ ۾ واڻين جي هڪڙي پاڃي هئي. صلاح مصلحت ٿيڻ لڳي تہ ڇا ڪيو وڃي. پائي بصر چيو تہ "هتي هاڻي اسانجو رهڻ ڪو نہ ٿيندو. عزت ڪان مٿي پيسو پيارو ڪونهي اسان تہ وڃي ٿا شهر ۾ لڏي وهون." پر گهڻن جي راءِ ڳوٺ ۾ رهڻ تي هئي. هڪ شهر ۾ رِهيل پرجوش تقرير ڪئي. "اسان ڪي پنهنجو ڳوٺ ڇڏڻ نہ گهرجي. هتي پنهنجا گهر آهن. محل ماڙيون لڳا پيا آهن. ڪاني ڪلي، پاڇي پٽي، ڪير، ڏڌ، ان پاڻي سڀ پنهنجو بنا خرچ لڳو پيو آهي. شهر ۾ گرانٽ جيڏيون پونگيون ملنديون جن ۾ هوا نہ سج. هت پڌرا لڳا پيا آهن، جهنگ لڳا پيا آهن. هت ماڻهوءَ جو سکَ، ڊور ڊڳي جو سکہ، مرد زال جو سکہ، ٻار ٻچي جو سکہ. هُت پاڻي پئسي جو، ڪانيون پئسي جون، پاڇيون پٽيون پئسي جون، پر هنگڻ مٽڻ بہ پئسي تي. اتي ڇا اسانجي ڪاڻ پڪي پئي آهي؟ اتي ڦوڙي ڪانہ پرٽي پوندي؟ هتي سکيا وينا آهيون، رکي آهہ سکي آهہ، ڏکي آهہ سکي آهہ، لڪا پيا آهيون، ننگ ڍڪيو پيو آهہ. اتي پائن ڪانسواءِ کهڙو مان کهڙي مريادا. نہ تون منهنجو نہ مان تنهنجو. هڪ بابي جي اولاد، ڪو ڪاٿي ويندو ڪو ڪاٿي، هڪوار ڇٽو ڇو تہ وري موٽڻ يا نصيب، پيلي ايشور [illegible] ڳوٺ نہ ڇڏيو." تقرير ڪجهہ اثر ڪيو. فيصلو ٿيو تہ ڦوڙي [illegible] تي پهريدار رکجن ۽ ڪليڪٽر کي بہ ليسنن ڏيڻ لاءِ [illegible]جي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڦوڙي ڀڏي ويئي پئسا ڳڏ ٿيڻ لڳا. پنج اٺ ڄڻا ڪليڪٽر کي ڏسڻ ويا. ڪليڪٽر دلاسو ڏنو پر ڪجھ ڏينهن بعد صفا جواب. ڳوٺ ۾ وري لڏڻ جي سس پس ٿيڻ لڳي.

نيٺ هڪ ڏينهن ڳوٺ خبر پيئي ته بصر مل شهر ۾ جاء ڪري آيو آهي. پوء ته ڪو ڪاڏي ويو ته ڪو ڪاڏي. سڀ هٽي ڏٽي شهر ۾ جايون ڪري آيا. مسواڙون ڳاتي پڳيون پر سيٺي کي خوف سو خرچ جو خيال ڪونه ڪيائون.

وري پئنچ ڳڏ ٿيا. ڪنهن ڪنهن کي ڏوهه ڏنو، ڪنهن ڪنهنکي، پر ڏوهه ڏيڻ مان ڇا وري. سيٺي جون دليون ڪاڏل هجن ته پوء رهي ڪير. نيٺ فيصلو ٿيو ته ٽن ڏينهن بعد سڀ لڏين. سڀ ملول منهن واپس گهر ويا.

اها خبر انوقت ئي سڄي شهر ۾ ڦهلجي وئي. ڳوٺ جي مسلمانن جو چڱو خاصو ميڙاڪو مڙي هٺن وٽ آيو. چي، "پيلي ڳوٺ نه ڦٽايو. ڀائر ٿي رهيا آهيون ڳوٺ آباد لڳو پيو آهه. پوء هي گهٽيون به ڪائڻ پيون ايندو يون. ماٺهو آهه ته وسئن آهه. اسان مري ڪونه ويا آهيون. تهان جي مٿون سر ڏينداسين. اسانجا ڪو بندن تي پتڪا ڪونهن. ماري پوء توهان کي هٿ لائن باقي ائين مڙس هن ڳوٺ ۾ گهڙڻ نه ڏينداسين." پر وريو ڪجھ ڪين. واڻين کي اهو شڪ ته ڏاڙيلن اچڻ مهل هي مسلمان ئي اسانکي ڦريندا! مايوس ٿي ميڙ واپس ويو.

ٽئين ڏيهن صبوح سان گهٽيء ۾ بيل گاڏيون اچي ويون دليون بي دليون، زالن ڪلهه سامان ڀڏي رکيو هو. زالن جي ڳوٺ ڇڏڻ تي دل اصل ڪانه. مرد "لاچار کي کهڙو آچار" ڪيو ڪنڌ هيٺ ڪيو پيا گهمن. ڪو ڪنهن سان ڳالهائي ڪو نه ٿو. سيڪو سانت ۾ سامان ڍوئي گاڏين ۾ پيو وجهي جڻ هن ڳوٺ ۾ اوچتو سيٺي جي زبان تارون سان لڳي ويئي آهي. رڳو ٻار خوش پيا ٿين ته ٻاهر گهمڻ ٿا وڃون.

.ڪيترا مسلمان سانت ڪيو ڏڪ سان هن تيار ٿيندڙ قافلي کي پيا ڏسن ۽ ڪڏهن ڪو درد نئو سانديي سگهي تہ دانهن پيو ڪري، "بيلي خدا جو واسطو اتو ڳوٺ نہ ڇڏيو!"

بيل گاڏيون تيار ٿي رهيون آهن. سيني جون دليون وهنديون پيون وڃن. تلوڪ روئندو سڏڪا ڀريندو لانڍين ڏي نڪري ٿو وڃي. ڪاڪو جيوت راءِ، ٦٠ ورهين جي، زال جي مرڻ تي جنهن هڪ ڳوڙهو نہ هاريو، سو چلم جو نڙهہ نرڙ تي هڻي زار زار ڳوڙها پيو ڳاڙي. ٣٥ ورهين جو پائونيوندرام جنهن گذريل سال ماءُ جي مرڻ تي بہ هڪڙو تيبو اکہ مان نهاريو سو ڏوتيءَ سان اکيون پيو اگهي. سانت ۾ وينل مسلمانن مان بہ ڪيترن جي اکين ۾ ڳوڙها ڀرجي آيا آهن.

نيٺ سامان گاڏين ۾ پئجي چڪو. زائفائون گونگا ڳوڙها ڳاڙينديون هڪ ٻئي کان موڪلائڻ ٿيون. ڪي گاڏيون ڳوٺ جي اتر تہ ڪي اولهہ روانيون ٿي وڃن ٿيون. هي بہ سئو ورهيہ اڳہ هتي رهندڙ هڪ ابي جي اولاد اهو وسيل ويڙهو ڇڏي جدا راهون پڪڙين ٿا. وري ڪڏهن هڪ هنڌ ملندا بہ يا نہ؟ ڪير چوي. آکيرو ويران ٿي چڪو، وري پکي موتي جڏهن وطن اچن.

(ريگستاني قول- ١٩٤٤)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رحيما

رحيما ٽڙي گلاب جو گل ٿي پيئي هئي. سندس ڀڪندڙ چهرو، جنهن مان رت ٿي ٽِمي، ۽ پريل مضبوط بدن جسماني تندرستي ۽ جوانيءَ جي امنگن جو اظهار ڪري رهيا هئا. وڏيري جي ڏيڍ، گهر ۾ ڏڌ مکڻ جي ڪمي ڪا نه. گهر صاف ڪرڻ، ماني پچائڻ ۽ مال ڏهڻ... بس رحيما کي روز اهو ئي ڪم ڪرڻو پوندو هو. هن کي پنهنجي حسن ۽ جوڀن جي باري ۾ سوچڻ لاءِ ڪافي وقت ملندو هو. هن جي انگ انگ مان سندرتا ۽ جوڀن ڦاٽي ٿي نڪتا. هن جي سونهن جي ساري تر ۾ هاڪ هئي. وڏيرو بهرام خان هن کي گهر کان ٻاهر نڪرڻ ڪين ڏيندو هو. ڇاڪاڻ ته تندرست ۽ ڏٽن مٽن ڪڙمين جون لالچي نگاهون ڪانئس لڪل ڪين هيون. سندن اڱڻ اندر به خير ڪو ڏاريو ايندو ويندو هو. ڪڏهن ڪڏهن سو رحيما پٽ پرسان ڪا سر رکي ان مٿان ويهي ٻئي پاسي رهندڙ ڪنيار جي زال سان ڳالهيون ڪندي هئي. پر ايوب ڪنيار اچا مس گهر ۾ گهڙندو هو ته هوءَ هيٺ ٽپي هٽي ويندي هئي. پر ايوب لاءِ اها پلڪ جي جهلڪ به زيارت هئي. هو جڏهن به پنهنجي زال ۽ رحيما کي پٽ مٿان ڳالهيون ڪندو ڏسندو هو تڏهن در جي آڙ ۾ بهي رحيما جي لاثاني حسن جو ديدار ڪندو هو. ڪيترو نه رحيما ڳاڙهي ڳتول هئي! هن جو سارو بدن ڪهڙو نه ڏولائتو هو. هو ويچارڻ لڳندو هو. خدا هن جي قسمت ۾ ڇا لکيو هو. رحيما ۽ سندس جوءِ صابيءَ جي وچ ۾ ڪيترو نه تفاوت هو. هڪ پري هئي ته ٻي مر. هو سپنا ڏسڻ لڳندو هو. جيڪڏهن رحيما هن کي ڪٿي اڪيلي ملي وڃي ته... هن جو بدن جواني جي اجهل جذبن ڪان سيتجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندو هو ۽ وڏيڪ دير نہ ترسي هو گهر اندر لنگهي ايندو ۽ رحيما بنا دير هيٺ ٽپي هٽي ويندي هئي. ●

رحيما جو سڱ سندس سؤٽ نوري کي ڏنل هو. جلد رحيما جو هن سان نڪاح وڏو ويو. رحيما جي عمر ان وقت ويهہ سال هئي ۽ نوري جي ٻارنهن ورهہ. نورو هڪ رواجي ڳوٺاڻو ڇوڪر هو. قد جو ڌمڪڙو، ٻريل بدن، ليڪن رحيمان جي خواهشن پٺاندڙ ڪين هو. رات جو رحيما هن کي ڀڪوڙي ٻاکر ۾ سوگهو ڪندي هئي. رحيما جي نرم ۽ لچڪيدار بدن سان لڳي هن جو جوش بہ تيز ٿي ويندو هو. پر سندس دم گهٽجڻ لڳندو هو. صبح جو ٻاڻ کي ڦان سمجهندو ۽ ويچاري نوري جي حالت نڪاح کان ڪجھ مهينا پوءِ بري ٿي ويئي. پيلو ۽ ڳريل نظر اچڻ لڳو. ڳوٺ جا هم عمر ڇوڪر کيس چيڙائڻ لڳا "رحيما تو کي ڳڙڪائي ويندي، " "اڙي تون تہ رحيما جي بغل ۾ ٻيسجي ويندو هوندين" ۽ هو ويچارو شرم کان ڪنڌ هيٺ ڪٽي جهڪائيندو هو. رحيما جي ان کان بہ بدتر حالت هئي؛ هن جون تمنائون روز بيدار ٿينديون هيون ۽ روز اڻپورين ٿي اڻپوريون رهجي ويندي يون هيون. هن کي جوان، سگهاري ۽ جانٺي مرد جي ضرورت هئي جو کيس ٻاکر ۾ ڀڪوڙي، زور ڏئي ۽ جوانيءَ جو لطف وٺائي. ويچارو نورو تہ سندس ٻاکر ۾ ڀڪوڙجي ويدو هو ۽ جوانيءَ جو لطف - ان جو ڪٿي نالو نيشان بہ نہ هو. رحيما جون خواهشون پوريون نہ ٿيون ۽ هوءَ سارو ڏينهن حيران و پريشان رهڻ لڳي. ●

ايوب چڪ تي دلا ڪيڏي رهيو هو ۽هلڪي سر ۾ ڳائي رهيو هو.

"طبيب درد جي دوا نہ ڪئي الائي ڇو...."

صابي ڪڏ تي لٽا ڌوئڻ ويئي هئي. هو سوچڻ لڳو ڪٿي رحيما پت متان سڌ ڪري... پوءِ ڇڪي ڪٽي هيٺ لاهيانس ۽ ٻاکر ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پکوڙي... هن جو دماغ هن خيالي نقشي کان مخمور ٿي ويو. هن جي دل ڌڙڪڻ لڳي، جسم لرزش ۾ اچي ويو، ۽ هو هر هر ڪنڌ ورائي پٺ ڏانهن ڏسڻ لڳو.

رحيما کي ڄاڻ هئي تہ صابي ڪپڙا ڌوئڻ ويئي هئي. هن جي ماءُ بہ پاڙي ۾ ڪنهن جي قضئي تي اعزا پرسي ڪرڻ ويئي هئي. وڏيرو پڻ ڏينهن کان ميرپور ويو ۽ نورو ٻاهر ٻارن سان راند ڪيڏي رهيو هو. رحيما جي دل بہ راند ڪيڏڻ لاءِ بي قرار ٿي اٿي. هن جون نسون جوش کان ڦٿڪي رهيون هيون، دل زور سان دڪ دڪ ڪري رهي هئي ۽ ساهہ تڪڙو تڪڙو کڄي رهيو هو. هوءَ ور ور ڪري پوئتي نهاريندي پٺ تائين آئي. سر رکي مٿان ٻهي سڏ ڪيائين "صابي!"

آواز سنڌس زبان ۾ اٽڪي پيو. هن ڏٺو ايوب چڪ تي دلا ٺاهي رهيو هو. هن وري سڏ ڪيو "صابي". آواز ٻڌي ايوب ڪنڌ ورايو. هڪ وار هٽڪي هو وڏي پٺ وٽ آيو. رحيما ٿورو جهڪي عادت موافق هيٺ ٽپي هٽڻ چاهي. پر حياءَ کان وڌيڪ طاقت ور جذبي کيس ائين ڪرڻ نہ ڏنو. ايوب ٻانهون ڊگهيون ڪيون ۽ هوءَ ٻي ڪن ۾ هن جي ٻانهن ۾ هئي، هو جوش ۾ اندو ٿي ويو هو. رحيما کي ڀاڪر ۾ جهلي، زور سان چميون ڏيندو هو کيس جهوپڙيءَ اندر کڻي ويو ۽ وڃي هن کي کٽ تي سمهاريائين. هو ڊوڙ پائي ٻاهريون پرتائون در بند ڪري اندر آيو ۽... ۽ رحيما جوانيءَ جي لطف کان پوريءَ طرح آشنا ٿي وئي. ●

اهڙيءَ طرح هو وقت بہ وقت ملندا رهندا هئا. وقت ٿورو ملندو هون جنهن ڪري هو هڪ ٻئي جي صحبت مان ڍاپندائي ڪو نہ هئا. ايوب چوندو هو "رحيما هل تہ ڀڄي هلون." رحيما سمجهي چوندي هئي "ابو مون کي خون ڪري ڇڏيندو."

هيءَ ڳالهہ ڳوٺ ۾ گهڻو وقت لڪي ڪين سگهي. بهاول خان لاءِ ڳوٺ ۾ ڪنڌ کڻي لنگهڻ مشڪل ٿي پيو. نوري کي ڇوڪرا ڇيڙائڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳا "تو جهڙا ڏهه رحيما ۾ سمائجي وڃن" هو جوش ۾ اچي سوچيندو هو ڪهاڙي کڻي رحيما کي پورو ڪري ڇڏيان، پر رحيما جو ڳاڙهو ڳتول پريل ماس ڏسي هبسجي ويندو هو. مصيبت اها جو رحيما کي پيٽ تي بيو. رحيما لاءِ اٿڻ وهڻ جنجال ٿي پيو. سارو ڏينهن قيديءَ جيان گهر ۾ بند رهڻ لڳي. پيٽ جي ٻئي طرف کان ايوب مٿان صابيءَ جي گارين جو وسڪارو پيو پوندو هو. رحيما سڀ ڪجهه ٻڌندي رهندي هئي ۽ اندر جو اندر ۾ پچرندي هئي. ماڻس چوندي هيس "رن، ڪو تيسمار ته مارين ها." ۽ هوءَ سوچيندي هئي ايوب جهڙي محبت ڪو تيسمار ڪٿي ٿي ڪري سگهيو؟ هو ڪهڙو نه سگهارو، مست ۽ قرب وند هو....

نوين مهيني کان پوءِ ٻار ڄائو پر حرامي ٻار لاءِ هن دنيا ۾ جڳهه ڪٿي هئي؟ هن جو گلو گهٽي رات جو مقام ۾ پوري آيا. ڳوٺ جي ڪنهن ماڻهوءَ پوليس کي سڌ ڏني. پوليس آئي پنج ڇهه سؤ لٽي ڳالهه لئي مٽي ڪري موٽي ويئي.●

وڏيري جي اکين رت ٿي ڇڏيو. ساري تر ۾ سندس زبردست خواري ٿي چڪي هئي. هن لاءِ صبر ڪرڻ نهايت ڏکيو هو. وڏيري زور ٻار هلائي، پيسا هاري، ايوب کي بدمعاشي ۾ جهلائي جيل موڪلي ڇڏيو.

رحيما جي حالت قياس جوڳي هئي. محبت جي باهه کيس پچرائي رهي هئي ۽ سندس ايوب ڪائنس گهٽو پري جيل جي چوديواريءَ اندر بند هو. هوءَ بي قرار ٿي پئي. هڪ ڏينهن وجهه وٺي ڀڄي نڪتي.

ورهيه گذري ويا. وڏيرو ۽ جوڻس روئي پٽي ويهي رهيا. ايوب جيل مان نڪرڻ کانپوءِ ڳوٺ ڳوٺ جي خاڪ ڇاڻڻ لڳو. صابي هڪ مهاڻي سان وڃي شادي ڪئي هئي.

هڪ ڏينهن ڳوٺ ۾ خبر آئي ته رحيما حيدرآباد ۾ چڪلي ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. ٻچو ٻڪرار ويو هو حيدرآباد گهمڻ. سو ويو چڪلي ۾. اتي ڇا ڏسي تہ رحيما ويٺي هئي. هن ۾ اڳين رحيما ۾ ڏينهن رات جو فرق هو. هن جي سونهن گهٽي گهٽ تي چڪي هئي. هوءَ مڇي ريڻ تي پيئي هئي. منهن تي موهيڙا ۽ ڳوڙها تي پيا هئس. صرف ڪجل سان چمڪايل اکين ۾ ئي پراڻي رحميا جي جهلڪ باقي هئي!

(ريگستاني قول ١٩٤٤)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرديسي پريتم

”شايد تي سگهي“ سن فوءَ ڪپڙا بدلائيندي خيال ڪيو. ”ڪملا چوٿري، ڪملا چوٿري“ هن ڪوشش ڪري برابر اچار ڪرڻ تي چاهيو پر ’چوڌري، ڦري ’چوٿري، ٿيو پيو. انسان، سو بہ جوان انسان، جلد آسائون ڪري ٿو. ٿوريءَ رڪاوٽ تي بد مزاج ٿي پوي ٿو پر همت نٿو هاري. سن فوءَ وري آشا ٻڌي.

سن فوءَ کي چين مان آئي ٻہ مهينا ٿيا هئا. ڪلڪتي ۾ سندس هم وطني گهٽا ئي هئا پر هن هندستانين سان رهڻ ئي واجب سمجهيو. جيڪڏهن وديش کي ڄاڻڻو هجي تہ وديشين سان ئي رهجي. هن ڪاليج ۾ بہ نالو داخل ڪرايو.

ڪلاس ۾ ڇوڪريون هيون، هندستاني ڇوڪريون سندن اکيون چيني ڇوڪرين وانگر نہ هيون، سندن نڪ ڦتل نہ هو. تنهن ۾ بہ ڪملا چوڌري سيني ڪان سونهن ۾ سرس هئي. ڪٽڪ رنگو بيضوي منهن، سڌو پختو نڪ، ڪاريون چيندڙ اکيون، لچڪي ڪمر، اهي خصلتون چيني ڇوڪرين ۾ نہ آهن.

انهن کي پنهنجون خاصيتون آهن پر هي گڻ منجهن ڪونهن. هن پنهنجي واقفڪار چيني ڇوڪرين کي ياد ڪيو. سيئي هڪ جهڙيون ٿي لڳيون. وقت ۽ دوري مهاندا گاڏڙ ڪيو ڇڏي، چيني ڇوڪريون سيئي هڪ جهڙيون هيون.

سن فو هڪ خيال ڪان سهڻو هو. سنهڙو، ڊگهو، پيلو رنگ، نڪ ۽ ڪن سندس منهن تي سونهيا پئي. هندستان ۽ چين جي سونهن جو سٽئنڊرڊ ٻيو آهي پر سن فو هندستانين کي بہ ٺاهوڪو لڳندو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهاز جي مسافريءَ کيس بيزار ڪري ڇڏيو هو. ڪلڪتي جي چيني دوستن به ٿورن ڏينهن ۾ کيس ڪِڪ ڪري ڇڏيو. هيڏو پنڌ ڪري هو پنهنجي پيليءَ چمڙيءَ وارن هم وطنين کي هتي ڏسڻ ڪونه آيو هو. هن نوان ماڻهو ڏسڻ ٿي چاهيا، نئون ملڪ ڏسڻ ٿي چاهيو. ڪاليج ۾ پهرين ڏينهن ئي کيس عجيب ڪپڙن ۾ ڇوڪري ڏسڻ ۾ آئي. هن پنهنجي پاسي ۾ ويٺل بنگاليءَ کان سندربن جو احوال وٺندي اک ٽيٽ ڪري ڇوڪريءَ کي ويٺي ڏٺو. ڪجهه ڏينهن بعد کيس ڇوڪريءَ جو نالو معلوم ٿي ويو هو. هن محنت ڪري نالو ياد ڪيو ڪملا چوٿري، ڪملا چوٿري. جلد ئي سن فو سيني جو واقف ٿي ويو. هو رلڻو ملڻو ۽ کلڻو هو، جا خاصيت سندس وطني ورثو هو. نه رڳو اهو پر جلد ئي ڪاليج ۾ هڪ پڪنڪ ٿي جتي هو سيني سان رلي ملي ويو.

رومال چور راند ٿي رهي هئي. ڇوڪريون ۽ ڇوڪرا گول چڪرا ٺاهي ويٺا هئا. هڪ ڇوڪر رومال سن فوءَ پويان رکي چڪر لڳائي رهيو هو. سن فو اوچتو ڇرڪ ڀري اٿيو. هو بي خبر ڪملا چوٿري کي ڏسي رهيو هو. رومال کڻي هو ٻه قدم ڊوڙي رومال ڪملا پٺيان ڪيرائي ڊوڙڻ لڳو. ڪملا پاڻ سنڀالي رومال کڻي ڊوڙي ۽ هڪ آگري جي ڇوڪري جي پٺيان ڪيرائي هوءَ ڊوڙندي رهي. ديو بيندر چاتو ٿي ته رومال سندس پويان آهي. پر هن اٿڻ جي تڪليف نه ڪئي. انهن نازڪ مڪن ملڻ ۾ جا هن کي خوشي ٿي سا گلن جي ورڪا مان به ڪونه ٿئيس ها. هو ڏک جهلي پٺي مهٽيندي ڪلندو ڊوڙڻ لڳو. سن فوءَ ٻيو دفعو به ڪملا پويان رومال ڪيرايو پر ڪملا سندس پويان رومال ڪڏهن ڪونه اڇليو. رڳو ديويدار کي چيائين ”ٻي چيني ڇوها ڪيون ميري پيڇي پڙا هيءَ.“

پڪنڪ پوري ٿي. ٻن ڏينهن کان پوءِ سن فوءِ پڪنڪ جا فوٽا سيني کي ڏيکاريا. هو چڱو فوٽو گرافر هو. ڪجهه ڪاپيون هن ڪملا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي ٻه ڏنيون. ڪملا هلڪو مشڪي چيو ”ٿئنڪيو“ ۽ وري پنهنجي ڪتاب ۾ منهن هٽي ويهي رهي.

ان رات ڪپڙا بدلائيندي، مون ان موهيندڙ مشڪ کي ياد ڪري چيو ”شايد تي سگهي.“

پنهنجي ديش کان ٻه هزار ميل پري، هن عجيب غريب ملڪ ۾، هڪ عجيب غريب ڇوڪريءَ سان سن فو دل لڳائي ويٺو. خالي ان مشڪ کي ياد ڪري، جا اڄ ڪلهه جون ڇوڪريون سيني کي ڏيڻ لاءِ تيار آهن. پر سن فو هن ديش جي ريت رسم کان بي خبر دل پلائي ويٺو.

ناتال ۾ ڪاليج بنارس گهمڻ لاءِ وڃي رهيو هو. ڪاليج جو اهو نيم هو ته هرڪو ڪم اهڙي وقت شاگرد پاڻ ئي ڪن. ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون اهڙن موقعن تي هڪ ٻئي کي ڇگيءَ طرح ڄاڻي سڃاڻي وٺندا آهن ۽ گهڻيون ئي گهريون دوستيون پڌجي ويندڀون آهن. سن فو هن آزاديءَ جو پورو پورو فائدو ورتو. هن فوٽا ئي فوٽا پي ڪڍيا. ڪملا جا گهڻا ئي فوٽا هئا. ڪملا پاڇي ڳڏي رهي آهي، ڪملا رومال ڪٽي ڊوڙي رهي آهي، ڪملا بال جهپي رهي آهي، ڪملا پيڙيءَ جي ونجهه وٽ ويٺي آهي، وغيره.

تيار ٿيڻ تي هي سڀ فوٽا باقاعدي سن فو ڪملا چوڌري جي ائڊريس تي لاهور موڪلي ڏنا. جواب ۾ ڪملا لکيو هو:

”ماءِ ڊيئر سن فو:

فوٽن لاءِ مهرباني- آرٽ جي خيال کان بيشڪ تو داد لهڻو. پر پي ڪنهن لحاظ کان اگر تو هي فوٽا موڪليا آهن ته مان تو کي صاف جواب ڏيڻ ٿي چاهيان ته ان ۾ پليل آهين. ڪملا.... هي سٽريل نمونو هو چوڻ جو ته ”تون ڪئو آهين مون کي تو کان نفرت آهي.“

رات جو ڪپڙا بدلائيندي، سن فو پڻڪندي چيو ”آءُ ڪٿي هوءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪٽي- اسين ٻن نرالن ديش جا- اسان جو خون الڳ- ريت الڳ رسم الڳ- هي سودو ڪيئن!“ سندس اکين ۾ ڳوڙها ڀريل هئا...

(١٩٤٦ع).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بچاءَ بند

محبوب ۽ مان گڏ پڙهيا هياسين. بي - اي ڪرڻ ڪانپوءِ مان مزورن جي تنظيمن ناهڻ ۾ لڳي ويس، تہ محبوب سرمائيداريءَ جي چڪر ۾ ڦهڙي پيو؛ جو تہ هو خانداني سرمائيدار هو.پڻس بہ سرمائيدار هيو تہ ڏاڏس بہ. هوئنءُ بہ اسان جي دوستي ڇوڪراڻي دوستي هئي جنهن ۾ زندگيءَ جي اوچ نيچ ۽ سياست جو اجان دخل نہ هيو؛ جذباتي دوستي؛ صرف هڪ ٻئي جي سنگت مان لطف وٺڻ جي دوستي، خانداني سرمائيدار هئڻ ڪري هو ڪاليج ۾ ايندو ويندو بہ ڪار ۾ هيو؛ ڪاليج مان نڪرڻ بعد اڪثر بہ چار دوست گڏجي سندس ڪار ۾ چڙهي سندس گهر يا ڪنهن هوٽل تي ويندا هئاسون. ڪڏهن ادب ۽ ڪڏهن سياست تي ڳالهيون ٿينديون هيون، پر اڪثر ڳالهيون ڪاليج جي ننڍن وڏن واقعن جي باري ۾ هونديون هيون جي ٻئي ڏينهن تي ياد بہ نہ رهنديون آهن.

تعليم پوري ڪرڻ بعد ٻڌندو هئس تہ هن گهڻو ڪمايو، هن ايترو ڪمايو جو ملڪ جو چوٽيءَ جي سرمائيدار ۾ شامل ٿي ويو. اڳي لکپتي هو؛ پوءِ ڪروڙ پتي ٿي ويو. ننڍي جيل مان رهائي ملڻ تي جڏهن ملڪ پرجي وڏي جيل ۾ ايندو هئس تہ انهن وقتن ۾ هو مون کي ڳولهي لهندو هيو ۽ مون کي ڪارائڻ پيارڻ تي چڱو پيسو خرچ ڪندو هيو. چوندو هيو 'يار تنهنجي تڪليفن لاءِ ڏک بہ ڏاڍو ٿو ٿئي. پر مڙندي تون ڪونہ؛ ۽ توکي جيل موڪلڻ کان حڪومت ڪونہ مڙندي. اهو چڪر هلندو رهندو!'

١٩٦٨ جي پوين مهينن ۾ شام جو ڪراچيءَ جي هڪ رستي تان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هلي رهيوهئس جو سامهون سندس ڪار اچي رڪي، لهي آيو ۽ پاڪرين پئجي ويو ۽ چمي ٻه ڏيئي ورتائين. سندس محبت ۾ سياست گاڏڙ ڏٺم. ڇڪي ويجهيءَ شيزان هوٽل تي وٺي هليو.

”يار تو اسان کي وساري ڇڏيو! ڪراچيءَ اچين ته به مون سان نه ملين؟“

چيم: ”توسان گڏجڻ ايترو ڏکيو ٿي پيو آهي جيترو ملڪ جي صدر سان. ڪڏهن واند وقت ٽيليفون ڪري پڇجي ته جواب ملندو آهي ته ’محبوب صاحب فلاڻي ڪمپنيءَ جي ڊائريڪٽرن جي ميٽ ۾ آهي؛‘ ته ڪڏهن ته مرڳوئي لنڊن، نيويارڪ يا جپان. پوءِ توکي ڳولهي لهان ته ڪٿان؟“

”دل هجي ته ڳولهڻ پري ڪونهي. ٽيليفون تي پتو ڏينءَ ته مان جيڪر پاڻ ئي ڳولهي لهانءِ. ٻڌاءِ واندو آهين ته ڪچهري ڪجي. هن دفعي تنهنجي لاءِ هڪ ’پلين‘ تيار ڪئي اٿم. تنهنجي ڪم کي به مدد ملندي ته مون کي به وڏيڪ پيسا ملندا. پر بنيادي طرح رٿ توکي ڪپائڻ ۽ رنيائڻ لاءِ آهي، نه منهنجي نفعي لاءِ! غلط نه سمجهجانءِ!“

پوءِ هن مون کي هڪ وڏيڪ رسالي ڪڍڻ جي رٿ پيش ڪئي. رٿ اها هئي ته هڪ ترقي پسند رسالو ڪڍجي، جنهن جي گيٽ اپ وغيره ملڪ جي نڪرندڙ سيني رسالن کان بهتر هجي؛ رنگين تصويرون هجن؛ آڪاڻي هجي، انٽرويو ۽ پيا به وندر ۽ دلچسپيءَ جو مواد هجي. رٿ مون کي ڏاڍي وڻي.

چيم- ”رسالي جي پاليسي ڪهڙي ٿيندي؟“

چيائين.- ترقي- پسند!“

”ترقي پسنديءَ جا به گهڻائي نمونا ٿي پيا آهن؟“

”جيڪا لائين توکي وڻي سا هلائج! رڳو ايترو ڪج جو رسالو حڪومت جلد بند نه ڪري ڇڏي.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون کي ياد آيو تہ اهڙي ئي قسم جي هڪ رٽ هن ١٩٥٣ ۾ منهنجي آڏو رکي هئي. تڏهن بہ مون اهوئي سوال ڪيو هو.

'پاليسي ڪهڙي رهندي؟'

چيو هٿائين: 'لبرل' (يعني معتدل يا وچٿري)

چيو هيومانس: 'والٽيئر جو مشهور قول پڙهو اٿيئي؟ 'پختو اصول رکڻ بيوقوفي آهي، ڪو عقيدو نہ رکڻ کي لبرل چئبو آهي؟'

'To have an opinion is to be erratic to have none is to be liberal,

'اڄ جي حالتن ۾ لبرل ٿيڻ معنيٰ سڀ سان هاءِ ۾ هاءِ ملائڻ ۽ رهنمائي ڪرڻ کان انڪار ڪرڻ. جو ڪجهہ حڪومت ڪري پيئي ان مان رکو ڪندا ڪيڻا.'

چيو هٿائين: "يار سياڻوتيءَ! ان کان وڌيڪ قائدين ڪجهہ برداشت بہ ڪري سگهندا؟ هي نظرياتي ملڪ آهي. مذهب جي نالي ۾ هي ملڪ ٺهيو آهي ۽ مذهب جي نالي ۾ زندهہ رهندو! توکي جيل جي چڪر مان مزو اچي ويو ٿو ڏسجي!"

مون کي تڏهن ايئن لڳو هيو تہ هيءَ تجويز منهنجي اصلاح ۽ ٺڏي ڪرڻ لاءِ هن پيش ڪئي هئي يا ڪانئس ڪرائي ويئي هئي، ان ڪري اها رٽ اتي ئي پيش پيئي هئي ۽ ان بعد هن هڪ فنشنبل سوسائٽي جو رسالو شايع ڪرائڻ شروع ڪيو هيو.

موجوده رٽ ڪجهہ منهنجي دل وٽان هئي. سندس انجام اهو هيو تہ روز مرهہ جي معاملن ۾ دخل هو ڪونہ ڏيندو ۽ پرچو عام ترقي پسند خيالات پيش ڪري سگهندو. هڪ تہ ملڪ جي آب و هوا ۾ بہ فرق اچي چڪو هيو. دنيا بہ بدلجي چڪي هئي ۽ شايد ڪروڙپتين کي بہ ترقي پسند رنگ اختيار ڪرڻ جي ضرورت محسوس ٿي رهي هئي. مون قبوليت ڏني. رسالي جي ڊڪليئريشن ڏيڻ، ڇپائيءَ لاءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بندوبست ڪرڻ. پنو ۽ پيو ڏنڌي وارو پاسو رتڻ جو ڪم سپ ڪيس ڪرڻو هيو. مون کي رکو ايڊيٽوريل پاليسي ۽ رسالي جو عام رخ طئہ ڪرڻو هيو.

ڏسندي ڏسندي سندس اخباري سلطنت اندر هڪ شاندار نئون پالش ڪيل ۽ سينگاريل ڪمرو منهنجي حوالي ٿي ويو. جڏهن پهريان ئي اتي ويٺي هليو تہ پڇيائين، "پسند آهي؟"

چيم- "بلڪل گرانڊ آهي؛ پر جڏهن رسالو گرانڊ نڪري!"

چيائين- "اهو تنهنجي مٿي جو سور آهي، نہ منهنجو!"

ٽيليفون لڳي ويو. منهنجي پسند جا ہہ سب ايڊيٽر ۽ فيچر لکندڙ کپي ويا. ملڪ جو سمورين اخبارن ۾ اشتهار ڏنو ويو تہ پهرين جنوري ۱۹٦۹ کان هڪ رسالو جنهن جي پاليسي آزاد ۽ عوام- دوست هوندي وڏي آب تاب سان شايع ٿي رهيو آهي. ايڊيٽر فلاڻو وغيره وغيره! رسالي لاءِ سمورا انتظام پورا ٿي رهيا هئا.

اوچتو هڪ ڏينهن گهنٽي زور سان وڳي- "هلو ڪير آهي؟"

"مان آهيان محبوب. ڏاڍي پريشاني آهي. هڪدم ڪا ٽئڪسي ڪري لانديءَ اچ مزورن گهيراءُ ڪيو آهي. ڪارخاني جي آفيس ۾ واڙيو ويٺو آهيان. منهنجي عقل جواب ڏئي ڇڏيو آهي!"

"مزور ڇا ٿا چون؟"

"چون ٿا ڪارخانو اسان جو آهي؛ توهان نڪري ٻاهر ٿيو! اڙي ير هيڏي اچ. تون ڪو اچي پنهنجي سنگتين تي ٽڏو ڇنڊو وجهہ. منهنجي مارڪسزم جي چاڻ جواب ڏيئي ٻيٺي آهي!"

چيو مانس، "مزور ڇا ڪي اڳواڻ اتي آهن؟"

چيائين: "ہہ دفعا مون وٽ ڪميٽي اچي چڪي آهي. پهريائين پنجاهہ سٺ گهرن جو چنو ڪٽي آيا هئا. چيو 'مان هنن گهرن کي سوچڻ لاءِ وقت ڏيو؛ ڊائريڪٽرن جي ميٽنگ ٿيندي، ڪارخانو رکو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجو ڪونهي.' موتي ويا ۽ پن ڪلاڪن ۾ ڪارخاني کي گهيراءُ ڪري اچي آخرين نامو ڏنائون تہ ڪارخانو اسان جو آهي توهان نڪري ٿيو ٻاهر! ڏسين ٿو پنهنجي سنگت جا پرڪار!"

"اهڙي حالت، ڏسجي ٿو تہ گهڻن ڪارخانن ۾ ٿي چڪي آهي! شايد مان ايڏانهن پهچي بہ نہ سگهان ۽ ٽيليفون جو سرشتو بہ شايد گهڻو وقت قائم نہ رهي. منهنجي صلاح مڃين تہ مزور اڳواڻن جي ڪميٽي کي گهرائي چئہ تہ 'بابا هي ڪارخانو وٺو! توهان ڇاٽو تہ هانجو ڪم! ڪارخاني کي نقصان نہ پهچائجو. هيءَ هاٽي توهانجو آهي. توهان سنياليوس. مون کي وجهڻ ڏيو! ۽ پوءِ ڪنجون هنن جي حوالي ڪري هليو آءُ. جان بچي تہ بہ خير ٿيا!" مان خيال ۾ سوچي پيو سگهيس تہ محبوب سيٺ جي واچ هيٺ لڙي آئي هوندي. سندس چمڪندڙ گوري چمڙي تان نويمبر هوندي بہ پگهر ڳڙي رهيو هوندو.

هوش سنيالي چيائين "هي ۱۹۰۵ آهي يا ۱۹۱۷؟ فبروري انقلاب آهي يا آڪتوبر انقلاب؟" مونکي سندس ضبطِ سالم هوش حواس تي حيراني لڳي ۽ خيال آيم تہ منهنجي ڪروڙپتي دوست هزارن مارڪسي ڪتابن جي لائبريري جو ڪجهہ فائدو ضرور ورتو آهي.

ڪيترا پيرا ان لئبرري ۾ وجهڻ ٿيو هيو. اتي اڪثر چانهہ ۽ ڪافي جي دور هلندي، ڪتابن جو ذڪر ٿيندو هيو. ڪتاب ميزن تي، ٽپاين تي، ڪٿن ۾ اڌ پڙهيل صورت ۾ منهنجي دوست جي ذوق ۽ مصروفيت جي شاهدي ڏيندڙ هئا. گهڻا ڪيٽ تہ بلڪل نون ڪتابن سان سينگاريل هوندا هئا. پر انهن کي پڙهيو ڪو نہ هيو. وڏي لئبرري تهذيب ۽ سدريلپٽي جي نشاني آهي، ۽ منهنجو دوست خانداني سدريل هيو. انڪري هزارين رپيا خرچ ڪري تاريخ، فلسفي، سياست ملڪن جي سير سياحت شڪار ۽ دنيا جي بهترين اديبن جا ڪتاب گهرائيندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو. ديوارين تي تصويرن جا شاهڪار لڳل هئا ۽ اندر ايندي ورانڊي ۾ سرمائيدار ۽ سوشلسٽ ملڪن جا با تصوير رسالا شيلفن تي رکيل نظر ايندا هئا ۽ اڪثر اهي ڪم آندل به ڏسڻ ۾ ايندا هئا.

چيم،" اهو چوڻ مشڪل آهي تہ هي ١٩٠٥ آهي يا ١٩١٧ جو تہ اهو فيصلو هن شروعاتي منزل تي ڪرڻ ڏکيو آهي، بهرحال انقلاب طرف عوام جو هي فيصلو ڪندڙ قدم ضرور آهي چڱو چاڻين تہ پوليس گهرائي خونريزي ڪرائڻ بدران ڪارخانو مزورن کي سونپي هليواڃ. ڏس تہ ڇا ٿو ٿئي."

" پوليس تہ اڳيئي گهيرو ڪيو بيٺي آهي! اسانڪي مزورن گهيراءُ ڪيو آهي تہ مزورن کي وري پوليس گهيرو ڪيو ويٺي آهي. پر مان خون خرابو نٿو ڪرائڻ چاهيان. هڪ دفعو تنهنجي صلاح وٺي ڏسان ٿو. ڏسون تہ ڇا ٿو ٿئي."

هن ٽيليفون رکي ڇڏي. اها ئي تہ گهڙي هئي جنهن لاءِ ورهين کان انتظار هيو! ملڪ انقلاب جي دروازي تي پهچي چڪو هيو. هڪ ڪروڙ پتي سرمائيدار مارڪس جي الف بي کي سنڀالي پنهنجي سر بچاءَ لاءِ ڪارخانو مزورن جي حوالي ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويو هيو. پورهيت اڃا ويهين صديءَ جي شروعات واري جذباتي ۽ تنظيمي دؤر ۾ هيا پر هڪ سرمائيدار جو دماغ ١٩١٧ جي آڪٽوبر انقلاب جي گرفت پنهنجي ذهن ۽ گردن مٿان محسوس ڪري رهيو هيو !

ڪلاڪ ڪانپوءِ محبوب سيٺ پنهنجي اخباري سلطنت جي وچ ۾ اچي پهتو. نيوز ايڊيٽرن، رپورٽرن ۽ خاص ذهني ڪم ڪندڙن کي گڏ ڪيائين.

پڇيائين، "ڇا ٿا سمجهيو! اڃا به بادشاهہ سلامت رهندو؟" سندس اشارو ايوب خان ڏانهن هيو، جنهن کي خانگي ۾ هر ڪوئي 'بادشاهہ سلامت' چوندو هيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اجان به ڪي خوشامدي هئا جن دعا ڏني ته توهانجي سلطنت تان سج ڪڏهن نه لهندو! پر محبوب سيٺ تازوئي مزورن جون سرخ اکيون ڏسي آيو هيو. چئن ڪلاڪن جي گهيراءَ ۾ نه ڪيس چانهه ملي هئي نه ڪافي؛ ۽ پگهر نڪرڻ سبب سندس چمڙي بي جان لڳي رهي هئي. سندس وات ڦڪو هيو، پر ڪاڏي لاءِ ڪيس ڪا طلب ڪانه هئي.

هن جلديءَ ۾ دوستن جي ميٽنگ ختم ڪئي ۽ ڪار ۾ ڪٽي مون کي ڪلفٽن تي وٺي ويو. مونکي حيرت لڳي رهي هئي ته هنکي پاڻ متان ڪيترو ضابطو هيو. پراڻي قسم جو پوءِ ڊائو سيٺ هجي ها ته روئي رڃ پيري ها يا ڦان تي ڪري پئي ها پر هن کلڻ جي ڪوشش ڪندي چيو:

”سو دوست! دِس اِز اِٽ! (اهو آهي انقلاب!) خدا جو شڪر آهي جو مان ان جي آجيان لاءِ تيار آهيان! سر بچي ته لک شڪرانا!“

چيو مانس، ”مون نٿي سمجهيو ته تون ايترو سمجهو نڪرندين! مان توکي اُلوءَ جو پٽو سمجهندو هوس. سمجهان ٿو ته تون هاڻي بالغ ٿي رهيو آهين!“

”اُلوءَ جو پٽو تون آهين جو اجايو جيلن ۾ سڙندو رهيو آهين! مون وانگر عيش ڪرين ها! ۽ جڏهن پڇاڙي اچي ها- ڏس مان ان پڇاڙيءَ لاءِ به تيار آهيان. ڪهڙي نه خوبصورت پڇاڙي آهي جو انقلابي ۽ سرمائيدار هڪ ٻيڙيءَ ۾ نه ته هڪ ئي ڪار ۾ سوار آهيون!“

”منهنجي زندگي جيڪڏهن مونکي ورائي ملي ته وري به ممڪن آهي ته مان اهوئي ڪندس، جيڪي مون پي ڪيو آهي. ڇو ته منهنجو ماحول ۽ منهنجو سياءُ مونکي انهيءَ زندگي لاءِ تيار ۽ مجبور ڪن ها!“

”۽ مان هن گهڙيءَ تارڻ لاءِ خبر اٿي لکين رپيا خرچ ڪندو رهيو آهيان ۽ اميد اٿم ته هن دفعي به بلا ٽري ويندي! وري جڏهن آئي تڏهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏسي ونبو!"

ڪلفٽن جي ٿڌي هوا هنجي ساهه ۾ ساهه آندو هيو ۽ هن وضاحت سان پنهنجا حفاظتي قدم ٻڌائڻ شروع ڪيا.

چيائين: "توکي اندازو ڪونہ هوندو تہ پنهنجي دولت کي وڌائڻ ۽ بچائڻ لاءِ مان ڪيترو خرچ ڪندو آهيان؟ هي تنهنجا اخباري دوست سون جي تعداد ۾ منهنجي اخباري سلطنت ۾ منهنجي دور انديشيءَ جو ثبوت آهن.

"تون سنڌ جو رهاڪو آهين. اتي سنڌ درياهہ کي قبضي ۾ رکڻ لاءِ حفاظتي بند ۽ منگليون ٻڌيون ويندڙيون آهن اهڙي طرح پنهنجي دولت لاءِ اسان حفاظتي بند تيار ڪيا آهن. اسان جو پهريون بچاءُ بند مذهب جي تلقين آهي جنهن لاءِ مان سيني مذهبي جماعتن کي لکين رپيا ڏيندو آهيان ۽ انهن لاءِ ڪنا ڪندو آهيان. هنن جو نعرو اهو هوندو آهي 'موجوده معاشري کي قائم رکڻ عين مذهب آهي' 'رضا تي راضي رهو. رب ڪن کي پيري ڏئي ٿو تہ ڪن جي آزمائش ڪري ٿو.' ماڻهن جي اڪثريت اهو روحاني بند ٽوڙي نہ سگهندي!

جي ڪي اهو بند ٽپي ويا تہ منهنجو ٻيو بچاءُ بند اڳيئي تيار آهي. هر طرف کان آواز اٿي رهيا آهن.

"خوشحالي ۽ آزاديءَ لاءِ اسانکي ووٽ ڏيو! ۽ جمهوريت جا علمبردار ٽپتئي عوام کي جمهوريت ۽ سياست جي ڪاڪ ۾ گهمائي گهمائي سندس حوصلو ۽ هوش گنوائي ڇڏيندا.

"۽ جيڪڏهن ان کان پوءِ بہ منجهن ڪا جان رهي تہ منهنجا دوست هر سياسي جماعت ۾ آهن. جن جي مدد ۽ پورائي مان هر وقت ڪندو رهندو آهيان.

رڳو توهان آهيو جن هن وقت تائين منهنجي چار ۾ ڦاسڻ کان انڪار ڪيو آهي."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪلي چيم: ”سو هاڻ مان بہ قاسي چڪو آهيان!؟ ترقي پسنديءَ جي چوکٽ ۾ ا“

چيائين: ”غلط نہ سمجهہ. توهان انقلاب جو دروازو بہ ڏيکاريو تا تہ نجات جو رستو بہ؛ جي سمجهہ هجي تہ سوشلسٽ سرشتي اندر مان کهڙي نقصان ۾ رهندس! مان هڪ قابل ائڊمنسٽريٽر آهيان؛ ماڻهن جي نبض سڃاڻان؛ ۽ اوهان واري سرشتي ۾ بہ هڪ قابل منتظم لاءِ ڪار آهي، بنگلو آهي، ترقي آهي ۽ قرار آهي ۽ آئينده جو خوف نہ دارد! مان سوشلزم کي دعوت ڏيڻ وارن مان نہ آهيان؛ پر جي آيو تہ مونکي آجيان لاءِ دروازي تي ڏسندءِ!“

مان هنڪي سندس دوررانديشي ۽ هوشياري لاءِ دل ئي دل ۾ داد ڏيئي رهيو هيس، تہ چيائين:

”خبر اٿيئي جڏهن تنهنجي صلاح مطابق مزورن کي گهرائي چيم: ’هي ڪارخانو هاڻ توهانجو آهي؛ هنجو نفع نقصان بہ توهانجو آهي؛ ڏسجو ان کي هاڃو نہ پهچي. تہ ائڪشن ڪميٽيءَ وارا هڪ ٻئي ڏانهن ڏسڻ لڳا، ۽ سندن ليڊر اٿي هٿ ڏگهيڙي منهنجي هٿ ۾ ڏنو ۽ چيائين، ’محبوب صاحب، اسان توهانجا شڪر گذار آهيون، جو توهان بنا جهيڳڙي، ۽ خون خرابي ڪانسواءِ ڪارخانو اسانجي حوالي ڪري رهيا آهيو. توهان هميشه هٿ اچي سگهو ٿا. 'You are always wel-come!'

”ويچارن کي اهي اکر نئي سمجهيا جي چئي سگهن. هنن کي خواب خيال ۾ بہ نہ هيو تہ مان ڪارخانو سندن ڪنڌ ۾ وجهي هيئن هليو ايندس. ڪارخاني جون چاٻيون مجلس عمل وارن کي ڏيئي، مئنيجر کي گهرائي چيم: ’هن بعد ڪارخانو ائڪشن ڪميٽيءَ جي صلاح مشوري ۽ حڪمن هيٺ هلندو!“

”مئنيجر حيرت ۾ مزورن طرف نهاريندو رهيو ۽ مزور چور نگاهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان ڪڏهن هڪ ٻئي سان ڳالهائي رهيا هئا ۽ ڪڏهن مونڏانهن ڏسي موٽي مئنيجر کي ڏسي رهيا هئا!

”مان گهيري مان نڪري ڪار ڪاهي تو وٽ هليو آيس، اجان ٿو چئين تہ مان ٻچسو آهيان!“

مونکي ميٺو پيو تہ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڪروڙ پتيءَ پنهنجي جان جي حفاظت خاطر مارڪس کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي هئي.

(اڳتي قدم: آڪتوبر ١٩٧٠)

ڪڏهن بهار ايندو...

”ٻڌ، ته. . . “

”چئہ. . “

”مان ٿي چوان. . . چوان؟“

”چئہ نہ. . . ڪير ٿو جهليئي؟“

”اڄ مون کي سئنيما تي وٺي هلو.“

”ڳالهہ بہ ايتري، چڱو هلنداسون. مان ڪلاڪ ڪن لاءِ هڪ ميڙ ۾ ٿو وڃان، تون تيار ٿي ويهجانءِ، جيئن پهرين ڪيل تي پهچي سگهون.“

”تہ چئو چو نٿا تہ نہ هلندؤ. مون کي اهي چالاڪيون سُجهن ٿيون. اڌ رات جو موٽي ايندؤ. چوندؤ تہ ’ڳالهہ ئي وسري ويئي‘- اهي سنگتي توهان کي ڇڏين ڇو ٿا؟“

۽ رسي، منهن ڦيري، رڌڻي ڏي هلي ويئي. ايتري ۾ ڪِڪو ٻاهران ڊوڙندو آيو- مون کي ڪپڙا پائيندو ڏسي، چيائين، ”مان بہ هلندس. امان مون کي لٽا پاءِ. مان ’ٻائوءَ‘ ساڻ گهمڻ ويندس.“

”پٽ، تون لٽا پاءِ، تہ پوءِ ڪيل تي هلنداسين. هو ڏٺو هوءِ نہ؟ ’چوڪريون اڇن پيون، چوڪريون وڃن پيون، چوڪريون نچن پيون‘. . . . هاٿي پلو پٽ آهين نہ. وڃ ماءُ کان لٽا وٺي پاءِ، تہ مان بگي وٺي اچان. بگيءَ تي هلندين نہ؟“ هن ماءُ ڏي مهڙ ڪئي، تہ مان گهٽ ڏيئي ٻاهرنڪري ويس.

عباس جي جاءِ تي ادبي محفل هئي. ان ۾ وڃڻ بہ ضروري هو. خبر هيم تہ ڪلاڪ ۾ جند مشڪل ڇٽندي. پر جي ڪلاڪ ۾ موٽي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اچڻ جو انجام نہ ڏيان ها، تہ ڪلاڪ لاءِ ويھي ڳالھيون ٻڌٽيون پون ها. خيال هو تہ محفل جي وچ مان ڪسڪي ايندس. گھٽ ۾ گھٽ ڪڪي کي نا اميد ڪرڻ جو ويچار ڪونہ هو.

عباس جي جاءِ تي پھتس، تہ محفل اڳي ئي متي بيٺي هئي. حليم ڏاڍي زور سان چئي رهيو هو: ”مان انڪار ٿو ڪريان تہ هن شي ۾ ڪو صحتمند خيال پيش ڪيو ويو آهي. ان کي افسانو چوڻ بہ غلط آهي. فن جي خيال کان هن ۾ سخت ڪمزوريون آهن- هر لحاظ کان هيءَ تحرير هڪ ناڪام ڪوشش آهي. . . .“

ڇا پڙهيو ويو هو، ڪنهن پڙهيو هو- خبر ڪانہ هئي. دير سان پھچڻ جي اها سزا ٿيندي آهي.

شورش چوڻ شروع ڪيو: ”مون کي حيرت آهي تہ خير محمد جي هن پيشڪش کي افسانو مڃڻ کان ئي انڪار ڪيو وڃي ٿو جيتوڻيڪ افساني جون سموريون وصفون- افسانوي طرز بيان، هڪ مرڪزي خيال، دلچسپ گفتگو ذريعي ڪردار نگاري، ۽ ترقي پسند لاڙو- سڀ ڪجهہ تہ منجهس آهي. باقي رهي ’لذتيت“، سو جيڪڏهن ڪا شي ٻڌندي ’نست‘ نہ اچي، تہ باقي ٻڌجي ئي ڇو؟ ڏسڻو اهو آهي تہ اديب يا فنڪار پنهنجي تخليق ۾ سستي لذتيت ٿو پيدا ڪري يا دلسوز لطف. منهنجي دعوا آهي تہ ’انن مڙسن جي جوءِ‘ سنڌي ادب ۾ هڪ نئين موڙ طرف اشارو آهي. سوچيو تہ سهي، ويچاري مظلوم عورت- پيار ۽ محبت لاءِ تڙڦندڙ عورت- سندس پھريون مڙس ابي جي عمر جيڏو آهي، جو ڪيس جاڳائي تہ ٿو پر خوش نٿو ڏيري سگھي ٻيو يار آهي، جو ڪيس پچائي وري وڪرو ڪري ٿو ڇڏي. هڪ پنهنجي موت مري ٿو، ٻيو ڪيس ان ڪري پرٺايو وڃي ٿو، جو هو مري ويل جو پاڻ آهي- ۽ هو ڪيس ايترو تہ ماري ٿو، جو هوءَ سر بچائڻ لاءِ ڀڄي نڪري ٿي، ۽ اهڙيءَ طرح عورت- ماءُ، ڀيڻ، زال، ڌيءُ-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اٻوجهه، معصوم، ڪمزور ۽ بي دست وپا- هن مرداني سماج جي ٺٺڙن
ڪائڻ لاءِ زندگيءَ جي بحر ۾ لڙهڻ شروع ڪري ٿي. سوچيو ته
ڪيتريون نه عورتون آهن، جن جي لاءِ زندگي مستقل جيل آهي، جهنم
آهي، هجڻ آهي، ۽ بي موت مرڻ آهي. محنت مزوري ڪرڻ، لٽا ڪپڙا
ڌوئڻ، ٻهاري پائڻ، ڳوهن- مٽ، ميڙڻ، پيهڻ، پرڻ، رڌڻ پچائڻ، ۽
موچڙا کائڻ- اهو عورت جو روزانو ڪاروبار آهي. ۽ سڀ کان وڏيڪ
ظلم آهي هن کي چوديواريءَ ۾ بند ڪرڻ، جنهن سندس سوچ، خود
اراديءَ ۽ خودداريءَ کي ختم ڪري، ڪيس مرد جي حڪمن، خواهشن
۽ خيالن جو رانديڪو بڻائي ڇڏيو آهي. ڪڏهن توهان ان تي سوچيو
آهي،. . . . ۽ ان ڏس ۾ ڪجهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي؟ هيءُ
افسانو هر سوچيندڙ شريف انسان لاءِ سندس ماءُ، ڀيڻ، زال، ڌيءَ،
چاچي، ماميءَ- مطلب ته هر عورت طرفان للڪار آهي. مظلوم دنيا ۾
گهٽيئي آهن. پر عورت جي نسبت سڀ ظالم آهيون."

ڳالهه ڪجهه سمجهه ۾ اچي رهي هئي. خير محمد جي افساني
اهي سمورا پهلو پيش ڪيا هئا يانه، پر هي بحث ڏاڍو دلچسپ رخ
وٺي رهيو هو.

نور چيو: "صاحب صدر، شورش صاحب ڪجهه اهڙيءَ طرز تي
ڳالهايو آهي، جو اها ڳالهه بنيادي طرح سمجهڻ جي ضرورت آهي ته
عورت کي آزادي ڏيڻ مان فائدا گهڻا آهن يا نقصان. منهنجي ناقص عقل
موجب عورت جي جاءِ گهر ۽ ڪتنب ۾ آهي. ۽ جن خرابين ڏانهن هيءَ
آڪاٽي اشارو ڪري ٿي، سي هڪ خراب معاشري جي پيدائش آهن.
جيڪڏهن اسان جو معاشرو اسان جي مذهبي احڪام تي نيڪ نيتيءَ
سان هلايو وڃي، ته اهي خرابيون پيدا ٿي ڪين ٿين. ٻئي طرف، توهان
کي خبر آهي ته مغربي ملڪن ۾ عورتن جي آزاديءَ کهڙا انگور ڪڍيا
آهن. سؤ شادين مان پنجهتر جو نتيجو طلاق جي صورت ۾ ظاهر ٿئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿو. ۽ بداخلاقي وڌي رهي آهي. اسان جي پنهنجي ملڪ ڏانهن به نظر ڪريو ته ڪا ڪاليجي ڇوڪري پاڪدامن آهي."

شڪر آهي جو مولانا نُور ڪِنسِي رپورٽ ڪان پڙهي هُئي، نه ته انگ اکر ڏيئي بِرَ ڪري ڇڏي ها- هونئن به ڳالهه ڪي وڌائي ناهي پيش ڪرڻ ته مولانا صاحب جو پيشو هو.

سيني چيو، "نيڪ آهي. پهريائين اِهو طي ٿئي ته 'عورت جي سماج اندر صحيح جاءِ ڪهڙي آهي'؟"

محبوب چيو: "پيلي پڌايو ته سهي، عورت هڪ دفعو ڪنهن سان محبت ڪري ته هوءَ ڇو جُوٺي يا باسِي سمجهي وڃي ٿي، ۽ مرد سڄي عمر عيش ڪري ته به نت نئون ۽ ڪنوارو ڇو سمجهيو وڃي؟ جيتوڻيڪ محبت ڪرڻ سان نه عورت گَسي ٿي وڃي ۽ نه مرد- بشرطيڪ حد ڪان مٿي چڙهي نه وڃن. آءٌ ته 'فري لَو' (آزاد محبت) جو قائل آهيان. . . . پر . . . . پر منهنجي محب ڏي ميريءَ نظر سان نه نهار جو، ڇو ته پرايو نظرون به عورت کي ناپاڪ ڪري ڇڏين ٿيون."

هارون، "'ميري سا ميري، تيري سا ڦون ڦون'- بلڪل عياشيءَ جو پروانو آهي."

. . . . سو، 'ڪوڪشاستر' ڪان وٺي انسان جي دنيا ۾ پيدا ٿيڻ جي مقصد تائين داستان ڇڙي ويا. بدقسمتيءَ سان، جا 'بحث جو موضوع' هئي، سا مجلس ۾ هڪ به ڪانه هئي. اسان جي بهشت مان رڳو حوا ئي خارج آهي. آدم ۽ آدم جا پٽ ڪٽڪ به پاڻ ۾ ويهي ونڊيندا آهن.

مسرور چيو: "پاڻ آهيون قلندر شخص- اصول جي پاڻ وٽ وقعت ڪانهي. شاديءَ جو تڪلف پاڻ ڪان ڪونه پڄندو. 'جتي پڪِي، تتي ڪاڙِي'- اهو اصول پاڻ ٻيءَ ڏر لاءِ به تسليم ڪرڻ لاءِ تيار آهيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

’گهر گهوڙو ٻَڌي ڪترِ ڪرڻ‘ پاڻ کان ڪانہ پڇندي.“

الياس چيو: ”منهنجي راءِ ۾ آزادي ٻہ- ڌاري ترار آهي. جي زالن کي آزادي کپي، تہ ڪتنب جي پيٽ پالڻ ۽ گهر جي خرچ پکي هلائڻ لاءِ کين بہ ڀهرو وٺڻو پوندو. مان گهر ڌياڻين، مزور يا هاري عورتن جي ڳالهہ ڪانہ ٿو ڪريان. اهي ويچاريون تہ پنهنجي مڙدن کان بہ وڌيڪ ڳهنديون رهنديون آهن. مان پڙهيل ڳڙهيل زالن جي ڳالهہ ٿو چوان. سندن تعليم جو فائدو ئي ڪهڙو، جي هو رڳو پنهنجي گهوٽ جي گهر جي زينت بڻجي وڃن، ۽ سندن علم صلاحيتن جو فائدو نہ گهر کي ملي ۽ نہ پَرَ کي. پڙهيل ڳڙهيل زال جي حيثيت جيڪڏهن گهر جي ٻئي فرنيچر وانگر رڳو دوستن کي رشڪ ڏيارڻ يا پنهنجي برتريءَ جي احساس کي زور وٺائڻ لاءِ هجي، تہ آخر ان تعليم مان ڇا هٿ حاصل. . . ؟“

آصف چيو: ”آءُ قبول ٿو ڪريا تہ عورت کي آزاد ٿيڻ گهرجي. ان لاءِ مان ڳاڌيءَ جي ٻن ڦيٿن جي برابريءَ کان وٺي اڄڪلهہ جي رومانٽڪ محبت، رفاقت وغيره جي دليلن تائين سڀ حوالا ڏيئي توهان کي ٿڪائڻ نٿو چاهيان- ڇو تہ مان پاڻ بہ ٿڪجي پوندس. ان ڪري، قصو مختصر تہ مان پنهنجي محبوب يا زال کي- جيڪو رتبو ڪيس وڻي، قبول ڪري سگهي ٿي- بلڪل قسم کڻي يقين ڏياري سگهان ٿو، ۽ توهان شاهد هجو، تہ سندس آزاديءَ ۾ ڪابہ ارچڻ نہ وڌي ويندي، پر ان عيوض آءُ بہ يقين وٺڻ گهران ٿو تہ مون کي سندس چاڪر، محافظ ۽ پوليس وارو وغيره بڻجي سندس پٺيان نہ وڃڻو پوندو. جي آزادي کپين، تہ پنهنجي عزت ۽ عصمت جي حفاظت بہ پنهنجي متي پاڻ ڪن- پوليس واري جا فرائض، پاڻ کان نہ پڇن.“

ڳالهہ دل وٽان هئي. ”جي سهيلين وٽ ويٺو هجيس، تہ نوڪر مهمان ڪري وڃي. پر جي مان گهر هجان، تہ ڪٿي ’پليٽو‘ پڙهندو هجان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ بہ اھو چڏي ھن سان سان وڃڻو پوندو، ۽ عزت وري اھڙي ملندي جو پاڻ ويئي ساھڙين سان ڏاڙون دشا ھٽندي ۽ گلا غيبت ڪندي، ۽ اسان کي رڳو پريان پيا تھڪ پڌڻ ۾ ايندا. ھڪ پيري، دل سِرڪي تہ ڏسان تہ چاتي تيون کلن. ڪٿي ڪتان ليئو پائي ڏٺم. پڪڙجي پيس. گھر موٽي اچي چيائين، ”ھيڏا سارا ٿيا آھيو، اجا پيا تيڏڪيو ٻين ڏي نھاريو- ڪيڏي نہ مون کي لڄ آئي.“

”سو ھي محافظ جو ڪم سچ پچ ڏکيو آھي. ھڪ ڏينھن ڪکي کي ساڻ ڪري، وچ بازارمان لنگھي ويئي اسان جي ماساتن جي گھر. شھر ننڍو، جتي عورتون رستي تي گھمن ئي ڪو نہ جي لنگھن، تہ موٽر ۾ ڦرڙاٽ ڪري لنگھي وڃن يا گاھي گاھي برقعي ۾ لنگھي وڃن. پر ھيءَ منھن اگھاڙي سر بازار لنگھي ويئي. رستي جي ٻنھي پاسن ماڻھو بيھي ڪيس ڏسڻ لڳا. جيئن ڪيس احساس ٿيو تہ سڄي بازار ڪيس آتروپلا سا ڏسي رھي آھي، تہ ھن پنھنجي رئي کي سوڙھو ڇڪي ٽڪڙو ھلڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڪکو آھستي آھستي ھلي رھيو ھو، ۽ ھوءَ شرم جي ماري اھي ٻہ منٽ ٻہ ڪلاڪ سمجھي، سڄي پگھر ۾ تَر ٿي ويئي. موٽي آئي، تہ چيائين، ’مٺا ماڻھو آھن ڪين بگھڙ. ائين پيا ڏسن، ڄڻ سڄو ڳڙڪائي وڃن.‘ چيو ھومانس، ’آھين بہ ڳڙڪائڻ جھڙي نہ.‘ تنھن تي ھوءَ رسي ويھي رھي. سو، جي آزادي کپين، برابري کپين، تہ پنھنجي پيرين سيرين بيھن ۽ ھلن، تيڪ لاءِ مرد کي لٺ نہ بڻائين.“

’قلندر‘ وري وارو ورتو. چيائين: ”مابدولت ان حد تائين وڃڻ لاءِ تيار آھي- جي اسان جي آئيندي جي محبوبڙي پاڻ لاءِ ’فريڊم آف ائڪشن‘ (عشق جي ميدان ۾ آزادي) چاھيندي، تہ مابدولت کي ڪوبہ اعتراض نہ رھندو. پر، جيڪي ٻار پيدا ٿيندا انھن کي پالڻ پوشڻ جي ذميواري گڏيل يعني اڌو اڌ ٿيندي... پر ان لاءِ بہ ڪيس ثابت ڪرڻو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوندو تہ خالص منهنجا ٻار ڪهڙا آهن- باقيءَ جي ذميواري ٻين تي رهندي.“

غيور چيو: ”هي ساريون ڳالهيون اسان جي اخلاقي قدرن، مذهبي روايتن ۽ قبائلي غيرت جي خلاف آهن. هي مغرب- زده خيال آهن. عمل ۾ نَر فطرتا حاسد آهي ۽ پنهنجي ڪي پنهنجو ۽ پرائي ڪي بہ پنهنجو بنائڻ جي جذبي هيٺ ڪم ڪري ٿو.“

رحيم چيو: ”اسان پنهنجي موضوع کان پري هٽندا پيا وڃون. ماڻهو پنهنجو عمل حقيقتن مطابق ڪندو آهي، ۽ اصول صرف حقيقتن کي سمجهائڻ ۽ انهن تي روشني وجهڻ ۾ مدد گار ٿيندا آهن. اسان مان ڪهڙو آهي، جيڪو دل ۾ ڪيتريون تمنائون رکندي بہ انهن کي عملي جامو پهرائي سگهي ٿو؟ صرف ماڻهوءَ کي ڏڄڻو بہ نہ ٿيڻ گهرجي. جنهن ڳالهہ کي هو ٺيڪ مڃي، تہ ان تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش بہ ڪرڻ گهرجيس. اسان سڀ ڪنهن نہ ڪنهن حد تائين عورتن جي آزاديءَ جا قائل آهيون، پر ڪيترا آهن، جي انهن خيالن تي عمل ڪندا آهن؟ توهان مان ڪيترا آهن، جي آزاديءَ جا اعلان ڪندي، ڪڏهن پنهنجي زالن ۽ ٻارن ۽ ڌيئن، ڀينرن کي رڳو گهمائڻ بہ وٺي ويندا هجن؟ توهان مان ڪير آهي جو پنهنجيءَ ڪنهن بہ مائٽياڻيءَ کي پنهنجي شريف کان شريف دوستن جي سنگت ۾ آڻڻ لاءِ تيار هجي؟ عورت جي آزاديءَ طرف پهريون قدم آهي، هن تي اعتبار- جي اهو اعتبار نہ آهي، تہ هو ڪنهن حد تائين غلام رهندي، پر جي آزاد ٿي، تہ هن کي اڏامي وڃڻ جو بہ بنيادي حق آهي.“

چانهن آئي. بحث گهڻي وري تيز ٿيندو رهيو. عباس جي جاءِ مان اُٿي يارن جو ٽولو هوٽل ۾ اچي وينو، ۽ آخر اڌ رات ڌاري هوٽل واري دروازا بند ڪرڻ شروع ڪيا. جڏهن محفل ٽٽي. گهمي اچي در ڪڙڪايم. در تہ لاٿائين، پر ائين ڏنائين ڄڻ چڙي رهي هئي ’توکي گهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻار جي کھڙي پرواھ. . . .‘ توکي پنھنجا سنگتي جو آھن.

مون ماٺ ۾ ڪپڙا لاٿا. ھوءَ چپ چاپ ڳوڙھا ڳاڙڻ ۾ پوءِ سڏڪا ڀرڻ لڳي. چيائين، ”توھان شادي ڇو ڪئي، جي منھنجا ھي حال ڪرڻا ھُيوَ؟ منھنجو نہ، تہ ڪڪي جو تہ خيال ڪريو ويچارو روئي روئي سمھي پيو.“- تڏھن مون کي ياد آيو تہ مون ڪيس سئنيما ڏيکارڻ جو واعدو ڪيو ھو.

مون چوڻ چاھيو: ’مون کان وسري ويو. . . . پر مون کي ائين چوڻ جي ھمت نہ ھئي، ڇو تہ اھو جملو سؤ دفعا کن اڳي چڪي ھو. ھن ٻرسڻ تي چاھيو. مون ڳوڙھو ڳھي سمھڻ تي چاھيو. ھن ڇڙي چيو، ”توھان کي ڇا ٿي ويو آھي؟ ڳالھايو بہ نٿا.“

چيم، ”ڇا چوان. مِني اھوئي حال آھي.“

ھن اکيون مٿي ڪري، مون کي شوڪي ڏٺو. مون کي ترنگ اچي ويو.

چيم: ”الائي ڪڏھن زمانو بدلبو!. . . . ڪڏھن بھار ايندو. . .“

ڳوڙھن ڀريل اکين سان ھن منھنجي ڳوڙھن ڀريل اکين ڏانھن ڏٺو. چيائين، ”توھان رئو ڇو ٿا؟“. . . . ۽ پوءِ ھن ائين سيني ۾ جاءِ ڏني، ڄڻ آءٌ بہ سندس ڪڪر ھوس.

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انقلابيءَ جو موت

منهنجي هن سان چاڻ سڃاڻ سيپٽمبر ۱۹۴۴ ۾ ٿي. "ڪئٽ انڊيا" تحريڪ آخري سسڪيون ڀري رهي هئي. روسين جي يلغار ڪين برلن پهچائي ڇڏيو هيو. هندوستاني ڪميونسٽ پارٽي نئين سر مزدورن ۾ هارين ۾ جتي ڪٿي سرگرمي پڙڪائي رهي هئي. مان تازو ئي (جولاءِ ۱۹۴۴) ۾ جيل مان نڪتو هيس ۽ حڪم ٿيو ته بيڙي ۽ هوٽل مزدورن جي يونين مضبوط ڪئي وڃي. بيڙي مزدورن جي پاندن تي پهچي يونين ناهڻ لاءِ ڪوشش ۾ هئاسون. ٽانگي تي چڙهي گهنڊ وڃائي، چونڪ چونڪ تي ننڍڙيون تقريرون ڪيوسين ۽ وري ان ڪي پيلهه ڏيڻ لاءِ منهان منهن مزدورن ۾ سنڌن سرگرم ڪارڪنن کي ملڻ لڳاسين.

ڪميونسٽ پارٽيءَ ان وقت ڪانگريس جي الزام ۾ عتاب هيٺ هئي. مان انهن مان هيس جن پارٽي لائين جي باوجود "ڪئٽ انڊيا" تحريڪ ۾ حصو ورتو هو. ۽ ڏيڍ سال بعد آزاد ٿي وري به اچي پنهنجي پراڻن ساٿين سان ڪم ۾ جنبي ويس چو ته ان وقت ڪانگريس وٽ مزدورن لاءِ نه پروگرام هيو ءِ نه تنظيم.

اوچتو هڪ پاندي تي چڙهياسين. قاضي مجتبيٰ جو ان وقت سنڌ ٽريڊ يونين ڪانگريس جو صدر ۽ پنهنجو ساٿي هيو تنهن اشارو ڏنو ته هي "ڪفر جو قلع" آهي تون منهن ڏينس. مان هلان ٿو مان هڪ پن بين "بيڙي باڊوگر" ملباري ورڪرن سا ڳڌ اندر گهڙيس. در وٽ غضبناڪ ڳاڙهين اکين سان ڏسندڙ شخص پلٿي ماري هٿن سان بيڙيون ٻڌي رهيو هيو ۽ منهنجي همراهن ۾ مونڊانهن شوڪي نهاري رهيو هيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي شخص ١٩٥٧ جي پوئين مهينن ۾ يا شايد ٥٨ جي شروع ۾ ڪيرالا ويو. پارٽيءَ جي اجازت سان ۽ اتي ڪميونسٽ حڪومت جي دؤر ۾ دم ڏنائين. نہ اخبارن ۾ سندس نالو ڇپيو؟ نہ ڪنهن سندس ڪا سوانح جيوني لکي. نہ هن پنهنجي آتم ڪهاڻي لکي ۽ نہ وري ليڊري جو شوق هيس نہ اخبار ۾ نالي اچڻ جو شوق. هڪ اونهي لگن هڪ اٿاهہ محبت هئي هنکي اسان لاءِ. اسانجي مقصد لاءِ ١٩٤٥ کان ١٩٥٧ ۽ پوءِ مرڻ گهڙيءَ تائين ڪراچي، سکر، روهڙي، ڪوئيٽا ۽ ٻين هنڌ يونينون ٺاهيندو رهيو، سنڀاليندو رهيو، ۽ پورهيتن کي گڏجي جدوجهد ڪرڻ لاءِ اتساهيندو رهيو نيٺ سلهہ ڪاٺي ويس، بخار لٿو، ٽورو چاڪ ٿيو، وري هلڻ شروع ڪيائين، نيٺ چيائين "ڪامريڊ موڪل ڏي وڃان هاڻي نہ بچندس، وڃي ويڙهيچن سان ملان، ڏاڍي سڪ آهي پنهنجي ساٿيهہ جي، پارٽي لاءِ بار ٻڌجي پيو آهيان، منهنجي وڃڻ جي لک بہ نہ پوندي، شخص مرندا رهندا. ڪاز (تحريڪ، مقصد) باقي رهندو، قافلو هلندو رهندو؛ نيٺ منزل ماڳ ايندو، هتي بہ هُتي بہ."

سندس اکين ۾ ڳوڙها ڀريل هئا، منهنجي اکين ۾ آنسو تري آيا. کهڙي منهنجي ساٿس مٽي هئي! نہ ٻولي ساڳي نہ سنڌ ۽ مليبار جي وچ ۾ ڪا ساڳي سرحد هئي. نہ پس منظر ساڳيو، زندگيءَ جي هلچل ڏکي آڻي ساڳيءَ واٽ تي ڪڍيو هيو ۽ پوءِ اسانجا رستا ۽ واٽون ۽ چارا. يار ساٿي ۽ اڏا ساڳيا ٿين پيا ۽ هڪ اهڙو رشتو قائم ٿيو جو هيترن ورهين بعد بہ وسري نٿو، دل تي اڪريل آهي. هڪ سنهڙو، سڪل، پٺي جي ڪنڍي کان ڪبڙو انسان اکيون اندر پيل، ڳل ھباٽل، گهنجيل کل، اٽڪل ٣٥ کان پنجاهہ جو انسان. عمر ڪتري ڏکي آهي جو تہ اسانکي هو ساڳيو ئي ساڳيو لڳندو هو جدا ٿيڻ تائين تہ وري موٽي تو وڃان پهرين شروع ڪيو هئائين: ""تو ؛ ڀلي آئين، جيءُ آئين، قاضي مجتبيٰ سان اچين ها تہ ملاقات ڏانهن منهن ڦيري ڇڏيان ها- تہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان گڏجي ڪم ڪندس.“ زمين تي هٿ رکي اٿيو. چيلهه وٽان چنبڪو ڏئي هڏين جي جوڙن مان ۽ آڱرين مان ننڊ، ٽڪ سختي ۽ سور ڪيءُ جهٽڪو ڏنائين. چيائين هاڻ هل ته چانهه پيون ۽ توکي پنهنجي وقت جي مختصر ڪهاڻي ٻڌايان. تون ضرور سمجهڻ چاهيندين ته مان ڪامريڊن ڪي چو نه ٿو پسند ڪيان، ورڪر هوندي چو هتي ڪان پڄان ٿو. چو هتي سان جهڳڙان ٿو. ڇو مون وارو ڀانڊو ۽ ڪيئي ٻيا ڪامريڊن سان تعاون نٿاڏين، مالڪن جي خلاف گڏ آهيون پر سياست ۾ تنهنجي يارن ڪان پري آهيان!

”ٻڌ ڪامريڊ“

”جي ٻڌاءِ“ پوءِ چانهه جي هڪ ڪوپ مٿان، پيو پيئندي ظاهر ٿيو هڪ انسان، جو ملبار جي مينهوڳي پريل ماحول ۾، هڪ ننيڙي وستيءَ ۾ ڪکن جي جهوپي ۾ ڄائو. ابتدائي تعليم هڪ ننيڙي ڀهراڙيءَ جي اسڪول ۾ ٽيس ۽ ذهين ورهين جي عمر ڪان وٺي ٻيڙيون ٻڌڻ شروع ڪيائين. ١٩٣٠- ١٩٣٢ جي ڪانگريس هلچل بمبئيءَ ۾ پئيءَ تي لنيون وسيون ۽ عمر لاءِ ڪبڙو ٿي اسپتال ۽ جيل مان نڪتس. ليڊر - قوم جا ليڊر پنهنجي موسومي لڙائي لڙي اڳي ڪان اڳرا پنهنجي ڪمن ڪارين ڪي لڳي ويا. سرمايدار نفعو ڪمائڻ ۾. ويمي وارا ويمن ڪرڻ ۾ وڪيل وڪالت ۾ ۽ اسان ورڪر، مزدور اڇي پنهنجي مزدور يونين ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيوسين.

ڪامريڊ ٻه هزار روز ٻڌندو آهيان. آڱريون سڪي پونديون آهن. لڱن ۾ ڳنڍيون محسوس ٿينديون آهن، ٽپ چڙهندو آهي پر ٻئي ڏينهن ڪم تي نه اچان ته ڪاوان چا، پارٽيءَ وارن گهٽوئي چيو ته ڪل وقتي ڪارڪن ٿي. مان چوان مان چڙو، چيلهه ڀڳل شخص مونکي ڪبي چا؟ چڙو ساڳ ۽ ماني ۽ ڪڏهن ڪڏهن گوشت جي ڳڙي، اڙي ڪ.. ٻڌ! چيو مانِ مان پارٽيءَ جو پگهاردار نه ٿيندس. باقي ساٿي تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملندو تہ توھان تان سِر بہ قربان.

"سو سائين ڪامريڊ! ١٩٤٢ - ٤٣ تائين تہ ڪامريڊ ئي منھنجا مائٽ، ساٿي، دوست ۽ قبيلو ھيا. مالڪن ھڪ ياندي مان ڪيڏيو تہ ٻئي ۾ وينس؛ ٻئي ۽ ٽئين مان نڪتس تہ ٻين ٻيڙي ٻاڌوڳرن سان گڏجي ھڪ سھڪاري ادارو (Co-operative) قائم ڪيوسين. اُتان پوري نہ پئي کھجي پياسين. ورڪر پڇي ويا تہ وري ڪنھن ٻئي ھنڌ ڪم ڪيوسين. ھر حالت ۾ لال بائوٽي (ڳاڙھي جھنڊي) سان ساٿ ڏنوسين. ڪامريڊن جون دل اياريندڙ تقريرون ٻڌيونسين. ڏانگي رندوي اڏڪاري ۽ گھاٽي ۽ سھاسنيءَ جا ٻيءَ دنيا ۾ داخل ڪرڻ وارا. روس جا احوال ٻڌاسين. اسٽرائيڪون ڪيوسين. سرمائيدارن جي دلالن جا مٿا ڀڳاسين. پنھنجا مٿا ڀڃاياسين ۽ ٻي عظيم جنگ لڳي تہ بکون ڪڍيونسين ۽ ورڪرن جي جدوجھد کي تيز ڪري جيلن ۾ وياسين لڪاسين ۽ لڪي ڪم ڪيوسين پر ١٩٤٢ع ۾ ڪامريڊن اسانجا تختا ڪري ڇڏيا! اڳي انگريزن ۽ سرمائيدارن خلاف پارٽيءَ وارا اسانجا مھندار ھئا. ھنن اسانکي نئون شعور ڏنو. اسان ۾ ٻڌي آندي اسان پنھنجي قوت محسوس ڪئي.

پر ڪامريڊن آزاديءَ جي (تحريڪ) آندولن جوساٿ ڇڏي اسانکي روڪيو تہ ھڙتال نہ ڪيو. ڪارخانيدارن سان في الحال ناھہ سان ھلو. عالمگير انقلاب خطري ۾ آھي، روس خطري ۾ آھي ۽ انگريز روس جا ساٿي آھن آمريڪي انجا ساٿي آھن. بنگال ۾ لکين ماڻھو ڏڪر ۾ مري ويا لکين ٻار يتيم ٿيا. مائون ڀينر ڌيئر زالون عصمتون وڪڻ لڳيون پر ڪامريڊ چون تہ انگريز جي خلاف ڪئٽ انڊيا تحريڪ ۾ شامل نہ ٿيو.

"پر ڪامريڊ توسان ساٿ آھي پر يونين جي حد تائين تہ سان ساٿ ڏيو، ھي وٺ چار آنا ڪٽ رسيد ۽ ھل تہ ياندي جا سڀ ورڪر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميمبر ڪري ڏيانءِ."

١٩٤٥ ۾ جنگ ختم ٿي. پارٽي وري هر انگريز دشمن هلچل جي اڳواڻي ڪرڻ لڳي. انڊين نئشنل آرمي وارن خلاف سرڪاري ڪيس ٿيو ته پارٽي ساري ملڪ جي ماڻهن کي ۽ مزدورن کي اپو ڪيو نيويءَ ۾ بغاوت ٿي ته پارٽيءَ وارن هنجي همدرديءَ ۾ ۽ جنرل اسٽرائيڪ لاءِ سڏ ڏنو. ۽ پارٽي، ڪانگريس ۽ ليگ وانگر طاقتور ۽ ملڪ گير پارٽي ٿي وڏي. انقلابي وير چڙهي رهي هئي. پراڻيون، گلائون ۽ شڪوه دور ٿيا ۽ هزارين نون پراڻن ميمبرن وانگر اڇي هي پيڙي پاڏوگر ڪامريڊ ٻه اسانجي صفن ۾ شريڪ ٿيو.

پاڪستان بڻيو اپريل کان وٺي آڪٽوبر ١٩٤٨ تائين اسان سڀ جيل ۾ پهچي ويا سين بهاري، عيشي، هانگل، شرف علي، گلاب، پوهو، ڪيرت سمورا ڪل وقتي ڪارڪن اندر ٿي ويا. پارٽي ۽ ٽريڊ يونين جا دفتر بند ٿيڻ لڳا.

تڏنهن هڪ مختصر نوٽ پڳي ٿئي اردوءَ ۾ اندر پهتو "ڪامريڊ پرواهه نه ڪجو. مان دفتر سنڀالي ورتو آهي. بند اميد ته نه ٿيندو. مان پڪڙيس ته پيا ايندا. جهنڊو ڦڙڪندو رهندو. توهانجو ڪيڙو ساٿي" واهه ڙي واه! اسان سڀ گڏجي ڪلياسون. تهڪ ڏناسون ته ڪيڙو ساٿي ڪير ٿو ٿي سگهي. ٻن ڇئن ڏينهن کان پوءِ معلوم ٿين ته ڪامريڊ ابراهيم ملباري ميدان ۾ لٿو آهي هن ڪمزور ڪيڙي شخص ۾ ڇا ته وفاداري هئي پنهنجي ڪاز (ڪاريہ) سان، ساٿين سان، لال جهنڊي سان.

"ساٿيو ميدان خالي نه ڇڏبو. آءُ اڇي ويو آهيان."

ٻن ڇئن مهين بعدابراهيم ملباري ٻه جيل ۾ آيو. سي ڪلاس ۾ ٻين ساٿين سان گڏ گهمندو هو ته سڀي لاٽ ۾ تڪڙو پرڪيڙو هلندو هو. ڪو چوندو هوس "ڪامريڊ ڇا خيال آهي، ته ڇاتي سنئين ڪري پهلوانن وانگر سنئون ٿي، چوندو هو " سڀ ٺيڪ آهي. سڀ ٺيڪ ٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندو."

١٩٥٢ کان وٺي ١٩٥٧ تائين ڪامريڊ سنڌ ۾ ڪم ڪيو. عيش آرام ٻنهي ڪون. ڪاڏي پيٽي ڪان بي پرواهه سلهه لڳي ويس ۽ ڪامريڊ هلندو رهيو. ڊڪندو رهيو. جتي به يونين جو ڪم هيو، هو اتي هيو. سينيٽ ورڪرس يونين، ريلوي ورڪرس يونين، فلورمل ورڪرس يونين ۽ ڪيئي ٻيون يونينون گهٽيئي نوان ساٿي پيدا ٿيا. ڪي پراڻا ساٿي مجبور ملڪ ڇڏي ويا پر ڪٻڙو ڪامريڊ هلندو رهيو.

"ڏکڻ مان سج ٿو ايري" جو نعرو ٻڌائين ته دل ڪجي پيس. دانهن ڪيائين هڪ دفعو "ڪيرالا" مان ٿي اچان وري موٽي ابندس جي بچيس ته ."

سو نيٺ ڪامريڊ ابراهيم ملباري "گردن مار" پاسپورٽ تي ٽر، ڪڇ جي سرحد اڪري وڃي پنهنجن (پنهنجا ته اسان سڀ هئاسين پر نمبودريپد جهڙا پنهنجا ڪي ٿيا؟) سان مليو ۽ اتي جي خاڪ ۾ دفن ٿيو!

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سچائي اشاعت گهر دڙو، جا ايندڙ ڪتاب

● جڏهن اُلا اُپ ۾
(شاعري)
آٿم ناٿن شاهي
قيمت -/55 روپيا

● آءٌ ٻہ جيڪر پڙهڻ وڃان ها
(ٻاراڻي شاعري)
منٺارسولنگي
قيمت -/10 روپيا

● سج گرهڻ
(ناولٽ)
طارق قريشي

● خط لکي ڪتابن جي فهرست اچ ئي گهرايو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌڙيءَ جي مِٽيءَ لپ سوڀو گيانچنداڻي

- سنڌ ۾ رهي سوڀي گهڻو سٺو. اهو ڪيس ياد به نه آهي ته هو گهڻا ڀيرا ۾ فسا ۽ گهڻوعرصو جيل ۾ رهيو. ڪيترا سال هو پنهنجي ڳوٺ ۾ نظربند هو ان عرصي ۾ سوڀي کي اڀياس ڪرڻ جو سٺو موقعو مليو. ڪتاب سوڀي جو جياپو آهي.
- سوڀي جو گهر ڏسي اسان کي پنهنجا ورهاڱي کان اڳ وارا ڳوٺاڻا گهر ياد آيا. اڄ جي آرام پسند زندگيءَ جي ضرورتن اُن گهر ۾ پير ئي نه پاتا هو. ها، هڪ پراڻي اڇي ڪاري "Black & White" ٽي- وي هئي ۽ ڪتابن جا ڪئين پالش بنا ڪبٽ، باٿ روم، باٿ روم نه هئا، سنان ڪرڻ لاءِ وڏا سادا ڪمرا هئا. سوڀو ۽ سندس ڀائر هڪ گڏيل ڪٽنب جي روپ ۾ اُتي رهندا آهن. بئٺڪ واري وڏي ڪمري ۾ چوڌاري ڪتابن جا ڪبٽ، هڪ کٽ جنهن تي سوڀو رات جو سمهندو آهي، ۽ ڪجهه سادا ويهڻ نما صوفا جن تي مهل ڪُمهل لاڙڪاڻي ۽ سنڌ جا روشن خيال سپوت اچي ويهي سوڀي سان بحث مباحثا ڪندا آهن.
- سوڀو پوري زندگيءَ جي قربانيءَ بعد به ليڊر نه آهي. هو صرف انسان آهي. ڌرتيءَ جي ويجهو رهندڙ انسان جنهن پاڻ سان ايماندار ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هو سنڌ جي مِٽيءَ لپ آهي. سکر جيل ۾ سوڀو ۽ شيخ اياز گڏ هئا ۽ تڏهن ئي اياز لکيو هو:

'سوڀو موهن جي دڙي کان اعليٰ آهي' .

(هي سٽون "سنڌڙيءَ جي مِٽيءَ لپ" نالي واري مضمون مان کڻيون ويون آهن، جيڪو هندستان مان شايع ٿيل هڪ سنڌي رسالي، "رچنا" ۾ ڪرشن کٽواڻي لکيو آهي.)

پڙھندڙ نسُل . پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پر اسان اِنهن سڀني وچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪڍي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نسل (پَڙهندڙ نَسُل) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊجيٽائيز digitize ڪرڻ جي عَمَلَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَمَ- گولو،
جيڪي بہ ڪٿين، جيڪي بہ ڪٿين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڪل ٽي صديون اڳ جي ڏاهي شاهہ جو هي اِها سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني جي نشاني آهي.

پَڙهڻ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڙهَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَڙهَ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ ٻڌڻ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

ون ون کي مون ياڪي پائي چيو تہ "منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ ڦهلاءَ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book